
ڪالم/ مضمون
سانجهِي ويلُ سُڏِڪَندڙ خُوابُ
يوسف جميل لغاري
www.sindhsalamat.com
PosterMyWall.com

# سانجهِي ويلُ سُڌِڪَندڙ خُوابُ

( ڪالم/ مضمون)

يوسف جميل لغاري

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئو ڪتاب ” سانجهي ويل سڏڪندڙ خواب“ اوهان اڳيان پيش آهي، ڪالمن ۽ مضمونن جي هن مجموعي جو ليکڪ نوجوان ڪهاڻيڪار ۽ ڪالم نگار يوسف جميل لغاري آهي.

يوسف جميل لغاري جي هن ڪالمن جي مجوعي ۾ اهي ڪالم شامل ٿيل آهن جيڪي مختلف حالاتن، واقعن ۽ عنوانن تي لکيل آهي، سندس هر هڪ عنوان جو مرڪز سنڌ ۽ سنڌ جا سور آهن، سندس هي ڪالم روزاني هلال پاڪستان ۾ شايع ٿيل آهن.

يوسف جميل لغاريءَ جو هي ڪتاب ڪنهن به اداري ناهي ڇاپيو، تنهنڪري هن پيار، پاٻوهه سڪ ۽ اڪير مان سنڌ سلامت ڏانهن موڪليو آهي ته جيئن آن لائين اپلوڊ ڪري سيني سنڌين تائين پهچايون. ان کان اڳ سندس ڪهاڻين جو مجموعو ۽ مضمونن جو مجموعو پڻ سنڌ سلامت تي شيئر ڪري چڪا آهيون.

پيارا يوسف جميل لغاري سنڌ سلامت سٿ ۽ فورم اوهان سان گڏ هنن لکڻين کي به دلي موت ڏيندو .اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**

**Sulemanwassan@gmail.com**
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# مهاڳ

شل خواب سدائين ڪلندا رهن .............................. نواز خان زئور
ٻه اکر........................................................................آزاد اڪبر شر
ڌرتي جو سڏ.......................................................آغا سلمان سيلاني
منهنجو خواب........................................................ ليڪڪ پاران

# ڪالمن جا عنوان

سماجي قدرن جي اهميت ۽ افاديت......................................................!
سانجهِي ويلُ سُڏِڪَندڙ خُوابُ..............................................................!
ڇا سنڌ ڪي چورن جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏي ڏجي.............................................!
سنڌ اندر اِعتِدالي سياست جو ڏيوالِپڻو.......................................................!
تبديل ٿيندڙ سنڌ جي سياسي صورتحال.........................................................!
اڇو ته ڌرتي جو قرض لاهيون..................................................................!
اسان جي معاشرتي اصولن جو زوال..............................................................!
سياست ۽ شعور جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو...............................................................!
ڪتاب ڇو پڙهجن...............................................................................!
خوشحال سنڌ جو خواب..........................................................................!
مزدور جو درد مزدور ئي سمجهي سگهي ٿو.......................................................!
واڇٽ ڪن وڻجار.............................................................................!
باشعور ۽ لاشعور فردن ۾ فرق...................................................................!
سنڌ جي شعور کي سهڪار جو سڏ..................................................................!
سنڌو دريا جي بقا جي جنگ......................................................................!
سنڌ جي تعليم تي تجرباتي حربا...................................................................!

## شل خواب سدائين ڪِلندا رهن

هڪڙي باشعور ۽ ساجاهه وند ماڻهو جي هڪ اهم خاصيت هيءَ آهي ته هو پنهنجي آسپاس جي ماحول، سماجي سياسي صورتحال ۽ ملڪي قومي حالتن تي تنقيدي نظر وجهي ٿو ۽ ڏاهپ پري اک سان انهن جو تجزيو ڪري ٿو. تنقيدي نظر انقلاب يا آزادي جي ابتدائي وک هوندي آهي. ان ڪري ئي سڄي دنيا اندر تنقيدي شعور جي سگهه ۽ اهميت کي مڃيو وڃي ٿو.
اسان جو باشعور دوست، ساجاهه وند ساٿي ۽ قومي قافلي جو همسفر يوسف جميل لغاري پڻ اهڙو انسان آهي، جيڪو شين، ماحول ۽ حالتن تي تنقيدي نگاهه رکي ٿو. سندس زير نظر ڪتاب "سانجهي ويل سڏڪندڙ خواب" انهي تنقيدي نگاهه جي ميڙيِ چونڊيِ آهي.
رڱو چار پاتال منجهان موتي نه ميڙيندا آهن، اڪيون به ماڻڪ ميڙينديون آهن. حُسن، شعور، ساجاهه، سيپتا ۽ ادراڪ جا ماڻڪ موتي. هن ڪتاب ۾ پڙهندڙن کي آڇڻ لاءِ هو اهي وڙ ۽ وٿون ڪٺي آيو آهي.
جيتوڻيڪ هيءَ هڪ ننڍو ڪتابڙو آهي، پر ان ۾ عقل، ادراڪ، سچائي، انسان پروري، عوام دوستي ۽ سنڌ پرستي جون اتم، اعلاء وڏيون ڳالهيون ڪيون ويون آهن.

يوسف جميل لغاري پنهنجي ديس جي دکن ۽ ڏکين حالتن کان آگاهه آهي. هو پنهنجي قوم جي دردن ۽ سورن جي پوري پروڙ رکي ٿو. ان ڪري اهي سڀ ڳالهيون هن ڪتاب جي ورقن تي ڪٺي اچي ٿو.

هيءَ ڪتاب سندس مضمونن ۽ ڪالمن جو مجموعو آهي. اهي مضمون ۽ ڪالم مختلف وقتن تي اخبارن ۾ ڇپجندا رهيا آهن، جن کي هتي سهيڙي هڪ جاءِ تي رکيو ويو آهي. هيءَ هڪ بهتر سهيڙ آهي. جنهن سان پڙهندڙن کي هيءَ سهولت حاصل ٿي آهي ته اهي هڪ هنڌ تي ئي هيءَ سڀ ليک مطالعي هيٺ آڻي سگهندا. هنن لکڻين کي پڙهندي هو سماجيات، سياسيات ۽ علميات جهڙن موضوعن کان واقفيت ۽ آگاهي حاصل ڪري سگهندا. اسان جي هن دوست ليکڪ جي هيءَ وڏي خوبي آهي ته هو هڪ پڙهيل ڪڙهيل، گهڻ پاسائون مطالعو رکندڙ ۽ دردِ دل سان آشنا انسان آهي. ان ڪري هو عميق

نگاهہ سان مامرن جي تور تڪ ڪري ٿو. ڪيس سنڌ جي سماجي ۽ معاشرتي قدرن جو وڏو اونو آهي. سندس اها اون اجائي نہ آهي. سڌريل قومون پنهنجن سماجي، معاشرتي ۽ قومي قدرن سنڀاليندڙيون آهن. هو سنڌ جي تعليم جي باري ۾ پڻ ڳڻتي ۽ ڳاراٽي ۾ ورتل آهي.

هو علم جي اهميت کان آگاهہ آهي. تنهن ڪري علم جي واڌ ويجهہ چاهي ٿو. جنهن لاءِ لازمي آهي تہ تعليمي سرشتو سڌريل، روشن خيال، عوام دوست ۽ قوم دوست هجي. هو سياسي مامرن بابت پڻ هڪ سجاڳ ذهن سياسي ڪارڪن طور اظهار ڪري ٿو. هو سنڌي قوم جي آزاد آئيندي ۽ سنڌ جي ملڪي حيثيت جو گهورو آهي. هڪ تاريخي ملڪ ۽ جداڳانا قوم ڪي گهڻو وقت پنيلائي ۽ ڏہائي مسلسل محڪوم نہ ٿو رکي سگهجي. هڪ ڏينهن نيٺ اها قوم محڪومي ۽ غلامي جا ڳسيل ۽ زنگيل چادر لاهي ڦِٽي ڪندي. سنڌ جي آڪاس تي ڪنهن سونهري سحر جي نمودار ٿيڻ جي آس سندس لفظن، تمنائن ۽ ارادن مان جهلڪندي رهندي آهي. اهڙيون آسون اوهان ڪي هتي بہ ڏسڻ ۾ اچي ويندڙيون. هو نعريباز ليکڪ ناهي، پر ساڳيي وقت هو فراريت پسند ليکڪ بہ ناهي. هو هڪ ارپيل ۽ وابستگي رکندڙ ليکڪ آهي. ڪنهن محڪوم قوم جي ليکڪ ڪي فراريت پسند ٿيڻ بہ نہ گهرجي. محڪوم قومن ڪي ڪميٽيڊ، آدرشي ۽ سياسي ليکڪن جي ضرورت هوندي آهي.

يوسف جميل لغاري پڻ هڪ آدرشي ۽ پنهنجي قوم ڪي ارپيل نوجوان آهي. سندس هيءَ لکڻيون پڙهي آئون خوش ٿيو آهيان. مون ڪي اميد آهي تہ هو پنهنجي قوم ۽ وطن لاءِ سوچيندو ۽ لوچيندو رهندو.
سنڌ جي سرموڙ شاعر شيخ اياز لکيو هو تہ

جي گهر گهر نعرو گونجي
ڌرتي زندهہ باد تہ ٻيو ڇا گهرجي
خواب هجن آزاد تہ ٻيو ڇا گهرجي

آئون سانجهي ويلي سڏڪندڙ خوابن کي ڪلندو ڏسڻ گهران ٿو. شل خواب سدا آزاد هجن، سدا ڪلندا رهن. سپني جي آزادي انسان جي آزادي آهي. انهيءَ ڪري ئي آمريتون ۽ بينڪي قوتون ماڻهن جي سپنن کي به قيدي ڪرڻ گهرنديون آهن. پر اسان هر قيد جو انت آڻڻ ٿا گهرون. اسان آزادي جي سپنن جا ساڪي ۽ آزادي جا متوالا آهيون. هيءَ ڪتاب آزادي جي رستي تي ٻاريل شمع آهي.

نواز خان زئور
آڪٽوبر ۲۰۱۸ع ۳۰
ميرپور بٹورو.

ٻہ اکر

انسان اشرف المخلوقات آهي پر تڏهن جڏهن اُن ۾ باقي انسانيت جو اونو هجي، ڦٽڪندڙ، لُڇندڙ، اُجن ۽ بکن ۾ پاهہ ٿيندڙ ماڻهن لاءِ لوچ هجي ۽ انهن لاءِ تڙپنا هجي، رڳو تڙپڻ بہ نہ پر عمل جي ميدان ۾ انهن لاءِ اڳيرو هجي.

آئون جنهن لاءِ لکان پيو اهو بہ هڪ اهڙو نوجوان آهي جنهن لاءِ مون وٽ لکڻ لاءِ لفظ ناهن، هن جڏهن مون کي چيو تہ منهنجي ڪتاب بابت ڪجھ لکي ڏيو، مون سوچيو تہ مان هن نوجوان ليکڪ لاءِ ڇا لکان، هُو عمر جي ان حصي ۾ قوم جي حالتن جي لاءِ لڇي ۽ لوچي رهيو آهي جنهن حصي ۾ نوجوان انبن ۽ ڏاڙهن جي رس چوسڻ جا هيراڪ هوندا آهن جن وٽ مقصد صرف شراب و شباب مان لذيتون وٺڻ هوندو آهي پر قوم ۽ وطن بي معني هوندو آهي.

يوسف جميل لغاري اهڙي ڦوهہ جواني ۾ وطن ۽ قوم لاءِ باقي چيزن کي بي معنيٰ بڻائي ڇڏيو آهي.

آزاد اڪبر شر
ٺري ميرواهہ

# ڌرتي جو سڏ

سين سامراجين اڳيان سينو تاڻي
اڙي يار يوسف اُتي پئو تون هاڻي

اديب ۽ شاعر پنهنجي وقت جا منصور هوندا آهن جيڪي اُتان جي آزادي جي خاتمي لاءِ گڏيل ۽ رائج قانون کي ٽوڙي مروڙي بغاوت جا جهنڊا جهولائيندا آهن ۽ هر دور جي فرعون جو ديده دليري سان مقابلو ڪندا آهن ۽ ڪڏهن به پنهنجي مقصد تان نه هٽندا آهن، غلامي ۽ چاپلوسي جي بدران ڪنڌ ڪپائڻ کي فخر جي ڳالهه سمجهندا آهن، اُهي اديب جيڪي پنهنجي ديس جو درد رکندڙ هوندا آهن سي ائين ڪٺي سمجهو ته قوم جو اثاثو هوندا آهن.

سچي اديب جو وجود ظالم جي اک ۾ ٻهر جي ڪندي جيان چڀندو آهي سندس هر ٻول، هر سٽ، هر لکڻي ڦهر جي ڪوٺن ۾ ڪنبڻي وجهي ڇڏيندي آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن حالاتن جون مصيبتون، اذيتون ۽ پيچيدگيون ذمر ٻڻجي ڪري ڪجهه وقت لاءِ مانار ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪنديون آهن پر پوءِ به اسان جي اڄ جو جديد اديب ۽ شاعر جڏهن به پنهنجي ديس ۾ ڪائي آلي اک ڏسندو آهي ته سندس سک ڦٽي پوندو آهي ۽ وري جڏهن ڪو مرُجهايل مُک پسندو آهي ته سندس نيڻن ساونڻ جي برسات جيان وسڻ لڳندا آهن، اسان جو هي دوست به اهڙي ئي نفيس مزاج جو مالڪ آهي.

سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن هر حال ۾ پنهنجي ڌرتي جي قرض لاهڻ لاءِ لکندا رهيا آهن، ڏکين حالتن سان منهن ڏنائون ۽ ماڻهن کي جيئڻ جو گس ڏنائون، اسان شاعر ۽ اديب پنهنجي مارن جي يادن کي پنهنجي زندگي جو حاصل مطلب سمجهون ٿا ۽ انهن جي ياد ۾ ڳوڙها ڳاڙي ويهندا آهيون ۽ وري نه ئي ڪڏهن ڪنهن وقت جي فرعون اڳيان جهڪندا آهيون، ائين ئي جئين اسان جو هي يار يوسف جميل لغاري آهي، اسان جو هي يار اسان کي ڪنهن نه ڪنهن نموني هر موڙ، هر مورچي، هر مزاحمت جي ميدان تي اڳ ڀريو ۽ نمايا نظر ايندو رهيو آهي، سندس فڪر جو محور ۽ مرڪز هميشه سنڌ رهيو آهي.

سندس ڪالمن منجهان معاشرتي بغاوت، غلط ڪمن ڪارن توڙي ريتن رسمن خلاف ڪروڌ ۽ تعليم بابت سجاڳي جا پهلو واضع ۽ چٽا نظر اچن ٿا، هن يار هر ميدان تي پاڻ ملهايو آهي، سندس قلم سان ڪيل جدوجهد نيٺ هڪ ڏينهن رنگ لائيندي ۽ هن ديس مٿان برپا ٿيل ڪارن ڪڪرن کي ختم ٿيڻ تي مجبور ڪندي، تنهن ڪري توهان سيني کي به گهرجي ته نراسائي ڇڏيو، اُتو سمجهه سان، محنت سان، علم سان ۽ نيڪ ارادي سان نئي ڪوشش ڪريو ۽ پنهنجي ديس جي دشمن کي منهن ٽوڙ جواب ڏيو ۽ ڌرتي جي هر سڏ تي لبيڪ چئو ۽ ڌرتي جو ساٿ ڪڏهن به ڪنهن به صورت ۾ نه ڇڏيو ڇو ته هي ڌرتي تهذيبن جي ماءُ آهي.

اسان سنڌ خاطر سر پي ڏينداسين
ڪنڌن جا هي ڪُنگرا اڏائي پلي ڪو
(پيرل قنبر)

آغا سلمان سيلاني
نري ميرواهه

# منهنجو خواب

هي ڌرتي جيڪا مجموعي طور دنيا جي ٻين سيني قومن، تهذيبن ۽ ارتقا جي مرحلي کي پار ڪندڙ ملڪن جي اُستاد رهي آهي، آءُ ان ڌرتي جو هڪ يگانو عاشق ۽ پتڪڙو ليکڪ آهيان، هن ڌرتي پنهنجي خمير مان محمد ابراهيم جويو جهڙي حلالي فرزند کي جنم ڏنو، رسول بخش پليجو جهڙي ڏاهي کي جنم ڏنو، ڪامريڊ سوڀو گيچنداڻي جهڙي سنڌ پرست کي جنم ڏنو، وڏي ڳالهه ته اِها آهي جو هن ڌرتي جو هڪڙو سچو، پڪو عاشق مفڪر اعظم سائين جي ايم سيد به هو، جنهن ڌرتي سان عشق ڪرڻ وارو فرد ڏاهپ جي بلند درجن تي هجي ٿا ته سمجهو اُها ڌرتي ڪيڏي نه سونهاري، پياري ۽ اهميت واري هوندي.

منهنجي سنڌ جيڪا هن مهل مون کي دردن، پيڙاهن ۽ تڪليفن منجهه نظر ٿي اچي، جنهن ۾ هر هڪ فرد سماجي مونجهاري ۽ انتشارن جي ور چڙهيل محسوس ٿي ٿو، اُن سنڌ لاءِ آءُ لکندو آهيان، اُن سنڌ جي سحن ۾ رهي آءُ لفظن کي جوڙيندو آهيان، فڪر جي ڦرهي کي هٿ ڪري سهڻا جملا ۽ ڪالم ناهيندو آهيان، منهنجا ڪالم ۽ مضمون سنڌ جي هر هڪ فرد، سنڌ جي هر هڪ ڪنڊ ۽ سنڌ جي هر هڪ درد توڙي پيڙاهه جي نشاندهي ڪندڙ هوندا آهن، ڇو ته هي منهنجي ڌرتي آهي جنهن تي لکڻ ڪانسواءِ منهنجو عشق مڪمل ٿي نه ٿو سگهي.

آءُ هر روز ڪجهه نه ڪجهه لکندو رهندو آهيان، ڪجهه نه ڪجهه سوچيندو آهيان، ڪجهه نه ڪجهه بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، ڇو ته حالتون ئي اِهڙيون آهن جو هتي سڀ ڪان وڌيڪ تڪليفون شعور رکندڙ فرد کي ئي ملنديون آهن، جنهن فرد کي پنهنجي ديس جو فڪر هوندو آهي اُن ئي فرد کي حالتون اِهڙيون خراب محسوس ٿينديون آهن جو اُن ماڻهو جي سوچ ڪروڊ سان پرجڻ لڳندو آهي ۽ اِهڙي ريت ڪجهه فرد لکڻ واري ڪِرت سان وابسطه ٿي ويندا آهن ۽ لکڻ کي عبادت سمجهي ڪري هر روز ڪجهه نه ڪجهه لکندا رهندا آهن.

هي ڌرتي جنهن جا ماڻهو انتهائي سادا سٻاجهڙا، مهمان نواز ۽ ٻين کي دلين ۾ جڳهيون ڏيندڙ آهن ليڪن اُن جي باوجود هتان جي ماڻهن جي سادگي کي ڏسندي ڪجهه چالاڪ لومڙي صفت قومن ۽ انهن قومن ۾ وري بگهڙ صفت فردن هتان جي سٻاجهڙن سان ڪافي ويساهه گهاتيون ڪيون آهن جنهن سبب هاڻ هتان جي سٻاجهڙي ماڻهو وٽ ڪنهن تي اعتبار ڪرڻ جو حوصلو گهٽ آهي، چو ته جهڙي ريت دنيا ترقي ڪري پئي ۽ جديد ڪان جديد تر اوزار ۽ آلا تيار ٿي ڪري بازارن ۾ وڏي تعداد ۾ اچن پيا تهڙي ريت اسان جي سنڌ ۽ سنڌين کي به جديد دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪري هلڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪرڻو پوندو، تعليم ۾ اڳيرو ٿيڻو پوندو تڏهن ئي وڃي ڪري هن ڌرتي جا درد گهٽ ٿيندا.

منهنجو خواب آهي ته سنڌ ڌرتي دنيا جي نقشي تي پيار، محبت ۽ رواداري واري ڌرتي طور مشهور ٿي، سنڌس مهمان نوازي جا ڳڻ پري پري جي علائقن ۽ ملڪن تائين ڳايا وڃن، سنڌس قدرتي وسيلن ۽ شاهڪار نمونن جا تعريف تاريخ جي سونن ورقن ۾ درج ڪيا وڃن، انسانيت جا اعليٰ مثال دنيا اسان مان سکي ۽ هي ڌرتي عالم انسانيت، ترقي بني آدم توڙي سنڌس فلاح ۽ بهبود جو مرڪز ثابت ٿي، جئين منهنجي سائين مفڪر اعظم سائين جي ايم سيد جو خواب پورو ٿي سگهي.

هي ڪتاب جيڪو هن مهل اوهان جي هٿن ۾ پيل موبائل جي اسڪرين تي پڙهجي ٿو پيو سو سڄو سارو منهنجي من جي آنڊ مانڊ ۽ پيڙاهه جي قصن سان پريل آهي، پوري انساني تاريخ مان اسان کي اهو پتو پوي ٿو ته پوري عالم جا احساسات، جذبات، اميدون، محبتون، نفرتون ۽ خواهشون هڪ جهڙيون آهن، انهي حوالي سان هاڻ آءُ اها ڳالهه ڪندس ته هي احساسات پلي چو نه مون لکيا آهن پر انهن احساسن ۾ اوهان کي پنهنجو درد محسوس ٿيندو، چو ته اوهان جا ۽ منهنجا احساسات فطرتن هڪجهڙا آهن، بس فرق آهي ته حالتن ۽ واقعاتن ۾ فرق آهي، توهان ڪٿي ۽ آءُ ڪٿي.

آءُ ڪتابن کي ڪنهن پبلشر کان پبلش ڪرائڻ کان وڌيڪ سنڌ سلامت ڪتاب گهر تي رکرائڻ پسند ڪندو آهيان ان سان هڪ ته اهو فائدو آهي جو ڪتاب کي ڇپرائڻ جا پئيسا بچي ٿا پون ٻيو ته وري جنهن تنهن کي ڪتاب پڙهڻ يا خريد ڪرڻ جي منٿ

نئي ڪرڻي پوي، جنهن ڪي پڙهڻو هوندو اهو پاڻ ڊجيٽل انداز ۾ شايع ٿيل ڪتاب ڪي سنڌ سلامت ڪتاب گهر کان ڪٽي ڪري پڙهي وٺندو، اسان جو ڪم علم ورهائڻ آهي پئيسا ڪمائڻ نه.

سنڌ سلامت ڪتاب گهر تي هن کان اڳ منهنجا ٻه ڪتاب اپلوڊ تي ڪري پڌرا ٿي چڪا آهن، جن پهريون نالي” خوابن جا پاڇا“ ڪهاڻين جو ۽ ٻيو نالي” واڇڙ ڪن وڻجار“ مضمونن جو آهي، سنڌ سلامت جي بدولت علم ۽ ادب جي انيڪ پاڪيزه ذهن رکندڙ فردن سان واقفيت ٿي.

آءُ پنهنجي قابل احترام، محسن،استاد، قومي اڳواڻ سائين نواز خان زئور صاحب جو تهه دل سان شڪر گذار آهيان جن جي شفقت، محبت ۽ پنهنجائپ منهنجي من ۾ ادب سان لڳاءُ پيدا ڪيو، منهنجي هن ڪتاب لاءِ سندس لکيل الفاظ منهنجي لاءِ سون جي دروازي جي مثل آهن، آءُ عــمر ڀر لاءِ سندس مشڪور رهندس.

منهنجي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيل سڀ ڪالم روزاني پاڪستان طرفان ڇاپيا ويا آهن، هتي سيئي ڪالم جامع طور پڙهندڙن جي سولائي خاطر گڏ ڪري پڌرا ڪجن ٿا.

**يـوسف جميـل لغـاري**

**نري ميرواهه**

## سماجي قدرن جي اهميت ۽ افاديت

مختلف فردن، ڪٽنبن ۽ قبيلن جو مجموعو ملي ڪري سماج ڪي تشڪيل ڏين ٿا، سماج ڪي جوڙڻ وارا به حضرت انسان آهن ۽ سماج ڪي بگاڙڻ توڙي فنا ڪرڻ وارا به حضرت انسان ئي آهن، اهڙي ريت دنيا جي جوڙيل ڪنهن به مهذب سماج سان جڏهن اسان پنهنجي سماج جي ڀيٽ ڪري ڏسون ٿا ته اُن مهل اسان ڪي پنهنجو سماج انتهائي ڏڀرو، ڏتڙيل ۽ ڪنڌر محسوس ٿي ٿو، جنهن جو بنيادي ڪارڻ اسان وٽ سماجي قدرن جو گهٽجڻ آهي، اسان جو سماج جنهن جا اسان توهان حصو آهيون، اُن سماج ۾ سماجي قدر ڪيتري قدر قابل اهميت آهن ان ڳالهه کان اوهان بذات خود به واقف آهيو، اسان وٽ ته اهو الميو آهي جو ماڻهو ڪنهن ڪي ڪو رستو ڏيڻ بجاءِ اجا ڪنهن جي رستي يا لنگ تي قبصو ڪرڻ کي بهتر سمجهن ٿا، سرڪاري پلاٽن ۽ عمارتن ڪي مفت جو مال سمجهي ڪري انهن مٿان قابص ٿيڻ لاءِ هر روز نت نيان هربا هلائن ٿا، اسان وٽ سماج اندر ڪجھ اهڙا ئي سماجي قدر قائم ٿيل آهن.

ان جي برعڪس ٻاهرين ملڪن ۾ جيتري قدر اُتان جا ماڻهو سماجي ڪمن ڪارن ۾ اڳڀرا رهن ٿا اُهي وري ايترا ئي سماج جي قدرن کي عام ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿا، ڇو ته اُهي ڄاڻن ٿا ته سماج جو بنيادي عنصر يا سماج ڪي جوڙيندڙ بنيادي پهلو آهي ئي انسان، سماج جو سنئو سڌو واستو انسان سان آهي، ان لاءِ جڏهن سماج جو بنيادي پهلو پنهنجي عقل، فهم ۽ ڏاهپ ڪي استعمال ڪندي سماج جي بهتري لاءِ ڪم ڪندو ته يقينن ان بهتري مان ڪيس به فائدو پوندو ۽ سندس ايندڙ نسل به ان مان لاڀ حاصل ڪندو، انسان ازل کان آزادي پسند آهي، آزادي مطلب ڪن معتبرن اصولن ۽ ضابطن سان بنا ڪنهن رنڊڪ توڙي پريشاني سان پنهنجي زندگي گذارڻ، اهڙي ريت مهذب معاشرا پنهنجي اندر موجود فردن کي اهو حق ڏيو وينا آهن، ڪين بنا ڪنهن پريشاني جي سڪون ۽ آرائش واري زندگي گذارڻ جو موقعو ڏنو وڃي ٿو جنهن سبب ڪيس دلي توڙي ذهني سڪون تقريبن هميشه ميسر هوندو آهي ۽ اُتان جا فرد ماضي جي ڀيٽ ۾ پنهنجي مستقبل تي نظر رکندي اهم فيصلا ڪندا آهن.

اسان عمومن طور تي مستقبل کي وساري ڪري پنهنجي شاندار ماضي جا مثال هميشہ ڏيندا رهندا آهيون، اسين پوري حياتي اهو چوندي گذاريندا آهيون ته اسين هيترو خوشحال هياسين، هيتري ملڪيت هئي، هيتري عزت هئي، مطلب ماضي جا نہ ڪٽندڙ قصا پوري زندگي مرڻ گهڙي تائين اسان جي جان ناهن ڇڏيندا. انهي سبب ڪري اسان وٽ ڪا بہ تخليق جنم نٿي وٺي، ڪائي نواڻ نہ ٿي اچي، ڪا ئي بهتري برپا نہ ٿي ٿئي، اسين جڏهن ماضي جي پيٽ ۾ مستقبل کي وڏيڪ اهميت ڏينداسين تہ يقين ڪريو اسان جو آئيندو روشن ٿي پوندو، اسان جو معاشرو زبون حالي مان نڪري خوشحالي طرف پنهنجو سفر ڪرڻ شروع ڪندو، هر جڳهہ تي پيار محبت جي فضا قائم ٿيڻ لڳندي، نفرتون ڪنهن لفافي ۾ بند ٿي ڪري سمنڊ جي تري ۾ وڃي دفن ٿينديون، فضائون خوشحالي جا گيت چوڻ لڳنديون، هر طرف هٻڪار ٿي ويندي ۽ انسانيت پنهنجو ڳاٽ اُچو ڪري دنيا کي اهو پيغام ڏيندي تہ اسين اڄ بہ مهذب ۽ تهذيب يافتہ قوم آهيون.

۽ اهو پيغام پڻ ڏيندي تہ اسين ان تهذيب جا وارث آهيون جنهن تهذيب جي ماتحت دنيا جي بين تهذيبن پنهنجي اُوسر ڪئي آهي، جڏهن دنيا جا ماڻهو غارن راتيون گذاريندا هئا تہ تنهن مهل اسان جا وڏڙا شاندار قسم جي جوڙيل عمارتن ۾ آرامي ٿيندا هئا ۽ بدن تي ريشم جو ڪپڙو اوڍي ڪري هلندا هئا. پوري دنيا سمجهہ، ڏاهپ، توڙي وڻج واپار هتان جي ماڻهن ڪان سکي، ان ڪان علاوه مهمان نوازي جا اعلي گُر دنيا جي مهذب قومن هتان ڪان سکي ڪري پنهنجي معاشرن ۾ وڃي ڪري انهن تي عمل ڪيو جنهن سبب انهن جا معاشرا ترقي وٺڻ لڳا. اسان جي سهپ پوري دنيا کي صبر ڪرڻ جو سليقو سيکاريو، اسان جي علم پوري دنيا کي حساب ڪتاب ڪرڻ جو ڏاءُ سيکاريو، اسان جي درسگاهن پوري دنيا کي مطالعي جو رهجان وارو طريقو سمجهايو، اسان جي ڪتابن دنيا کي سيکڙڻ جو طريقو سيکاريو، اسان جي نقش نگاري دنيا کي نقشا ناهڻ ۽ رنگن سان راند ڪرڻ جي سکيا ڏني، اهڙي ريت پوري دنيا تي پنهنجو تهذبي ارٿر ڇڏيندڙ اسان جو سماج اڄڪلهہ سماجي ويڳاڻپ جو شڪار آهي آخر ائين ڇو آهي؟

آخر ان جا سبب ڪهڙا آهن

پوري دنيا ڪي ترقي جي راهن کان متعارف ڪرائڻ وارو سماج اڄڪلهه المناڪ حالت ۾ توهان اسان ۾ سڀني ڏانهن وانجهائي رهيو آهي ڇو ته اسين به انهي ئي سماج جو حصو آهيون، جيڪڏهن سماج صحتمند هوندو ته يقينن انهي ۾ صحتمند ۽ ڪارگر لاڙا جنم وٺندا، تخليق جون راهون هموار ٿينديون، نوان اڇڻ شروع ٿيندو، محبتون عام ٿيڻ لڳنديون جنهن سان انسان ذات ڪي زندگي گذارڻ ۾ سولائي ٿيندي، ڇو ته ڪنهن مفڪر چيو هو ته انسان عمر سان نه پر فڪر سان پوڙهو ٿيندو آهي، اسان جي سماج جا نه ڄاڻ الاءِ ته ڪيترا فرد انهي فڪر واري ڦرهي ۾ ڦري ڪري وقت کان اڳ پوڙها ٿي چڪا آهن، ڪي جسماني طرح ته ڪي وري ذهني طرح پوڙها بڻجي چڪا آهن، اچو ته سماج کي بهتر بنائڻ لاءِ پنهنجي صلاحيتن ڪي قطب آٽيندي هڪ صاف ۽ اجرو معاشرو جوڙيو جيڪو هر قسم جي ڪيني ۽ ڪدورت کان پاڪ صاف هجي.

روزاني هلال پاڪستان، ڪراچي

19 آگسٽ 2018

# سانجهِي ويلُ سُڏِڪَندڙ خُوابُ

هر روز الاءِ ته ڪيترا خواب نيڻن ۾ سمائجي ڪري ساپيان لاءِ پاڻ پتوڙن ٿا، هر هڪ خواب جفا ۽ وفا جي راهه تي هلندي ڪنهن ڪشمڪش جي اوتڻ ۾ اچي ڪري قربان ٿي ٿو، نماڻيون اکيون هن سماج جي نهيل دقيانوسي دستورن اڳيان مجبور ٿي ڪري مايوس ٿين ٿيون، ان سڀ ڪجهه هوندي به اندر مان هڪ آواز، هڪ صدا بلند ٿئي ٿي ته اِها ڪاري رات هاڻ وڌيڪ پنهنجي گرفت کي مضبوط ڪري نه سگهندي، چوندا آهن ته ظلم جي رات ڪٽي ڪيتري به طويل ڇو نه هجي پر ان کي صبح ٿيندي ئي ختم ٿيڻو هوندو آهي، اهڙي ريت هر رات جي ختم ٿيندي ئي نئي سج سان گڏ نئي اميد پڻ پيدا ٿيڻ لڳي ٿي جيڪا خوابن کي قوت بخشڻ جو باعث بڻجي ٿي.

پنهنجو ديس، وطن ۽ ڏيهه پکين کي به پيارو هوندو آهي، سڄو ڏينهن اڏامون ڪري وري به سانجهي ويل سيئي پکي پنهنجي گهرن ڏانهن واپس ورن ٿا، اِها ورڻ واري ريت جي پاڻ سان به ڪجهه دلفريب ۽ دلربائي رشتو جڙيل آهي، سانجهي ويل جڏهن شام جا پاڇا نمودار ٿيڻ لڳن ٿا ته ان مهل من اندر ماٺ ٿيل سڀ سور جاڳي پون ٿا، درد مهمان بڻجي ڪري دل جي دروازي تي دستخط ڏيڻ لڳن ٿا، سڄو سور بڻيل وجود هڪ دفعو وري ڏڪارو ٿي پوي ٿو، ڏکارو هوندي به مسڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ به هڪ ڪمال جي ڪاريگري آهي، دنيا ۾ ته اڄڪلهه هر ٿيون فرد ڪنهن نه ڪنهن شعبي ۾ ڪاريگر هجي ٿو، ڪو درد ڏيڻ ۾، ڪو ڏکارو ڪرڻ ۾، ڪو تڪليف ۽ اذيتن ڏيڻ ۾ ته وري ڪو اميدن تي پاڻي ڦيرڻ ۾ ڪمال جي ڪاريگري رکي ٿو.

انهن ڪاريگرين جي آڏو جڏهن ڳوٺ جا سڀاجهڙا نوجوان شڪار بڻجي ڪري سامهون پهچن ٿا ته پوءِ انهن کان عجيب و غريب سوال ڪيا وڃن ٿا، اهڙي نوعيت جي آڏي پڇا ڪئي وڃي ٿي جو ماڻهو سوال جي جواب ڏيڻ بجاءِ پنهنجي جان ڏيڻ کي بهتر سمجهندو آهي، لفظن سان شخصيت جي تزليل ڪئي وڃي ٿي، ڪابي اک سان ڏٺل سڀ خواب ڪن پل ۾ ڏوڙ ٿي ڪري مٽي ۾ ملي وڃن ٿا، احساس اُسرڻ بجاءِ مروڙجي وڃن ٿا، هن سماج جا اِهي ئي ناروا سلوڪ نه ڄاڻ الاءِ ته ڪيترن ئي زندگي جي روشني کي اجهامڻ جو سبب بڻجن ٿا، اهڙا سلوڪ ازل کان زندگي جي مهڪ ۽ خوشبو سان ساڙ ڪندڙ

آهن، سانجهي ويل سڏڪندڙ خواب جڏهن اکين ۾ لهي اچن ٿا ته پوءِ اندر ۾ هڪ آند ماند پيدا ٿئي ٿي.

ائين محسوس ٿيندو آهي ته ڄڻڪ سماج اندر موجود هر ڪا ڪرڙي اک مون ڏي نهاريندي هجي، هر ڪا سهاڳڻ پنهنجي سهاڳ وڃائڻ ڪان پوءَ مون کي ميار ڏيندي هجي، هر ڪا پکي شڪاري جي هٿ سان شڪار ٿيڻ ڪان پوءَ مون کي ان ڏوهه جو ڏوهي سمجهندي مون ڪان حساب طلب ڪندو هجي، هر وڻ، ٽڻ ۽ ساهه وارو جاندار آڪسيجن جي ڪمي جي شڪايت مون سان ڪندو هجي، هر ڪا ڳلي هر ڪا واهڻ، هر ڪا وستي پنهنجي اڪيلائي جو داستان مون سان سلڻ چاهيندي هجي، جڏهن به سانجهي ويل خواب سڏڪڻ شروع ڪندا آهن ته آڪاش مٿان نمودار ٿيل ڪڪر روئڻ شروع ڪن ٿا، ڪنوڻ واڄٽ ڪري دانهون ڪرڻ شروع ڪري ٿي، سڄو سنسار سوڳ وار ٿيڻ لڳي ٿو.

ائين جڏهن زماني جا سپ وهم ۽ وسوسا گڏجي ڪري ڪنهن هڪ ذهن کي يرغمال ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا آهن ته اُن وقت ٽٽندڙ اميدون خوابن سان سلهاڙجي ڪري سڏڪڻ لڳن ٿيون، ڪائنات جون سڀ تخليقون بي اثر ۽ بي سواديون ٿي وڃن ٿيون، سيئي شاعريون ۽ ڊائريون ڪنهن ڪوري ڪاغذ جيان خالي ۽ اڻپوريون ٿي ڪري سانوڻ جي مينهن وانگر جذبن سان ڪيڏڻ جي شروعات ڪن ٿيون، اِها شروعات جيڪا نه ڄاڻ الاءِ ته ڪيترن ئي ارمانن ۽ احساسن جو جنازو ڪڍي چڪي آهي، نه ڄاڻ الاءِ ته ڪيترن اميدن جو قاتل آهي، اِها شروعات جيڪا آدم جي پٽ هابيل، ڪابيل کي ماري ڪئي هئي سان ان شروعات جي اڃا پڄاڻي نه ٿي سگهي آهي، اِها شروعات ته اڃا اڳ ڪان به اڳيري ٿي ڪري معصوم مکڙين جي مسڪراهٽ کي ڪسي رهي آهي، نا اميدي جو فصل جيڪو تيار ٿي ڪري هر ڪنهن اک مان سانجهي ويل خواب کي سڏڪڻ تي مجبور ڪري ٿي، سان گهڙي طويل هجڻ جي باوجود به پنهنجي ختم ٿيڻ جي خوف سان ٿمٿار هجي ٿي.

اُنداهيون ڪجهه وقت ته ڪنهن کي يرغمال بڻائي سگهن ٿيون پر انهن کي هميشه ڪنهن تي فوقيت حاصل ناهي ٿي، تاريخ گواهه آهي ته جڏهن به ظلم، ڏاڍ ۽ جبر حد ڪان وڌيو آهي تڏهن بغاوتن جنم ورتڻ شروع ڪيو آهي ۽ انهن بغاوتن جي اڳيان هر ڪنهن

جابر توڙي ظالم حڪمران پنهنجا ڳوڙا ڪوڙيا آهن، انڌاري رات ڪي شڪست نصيب ٿي آهي ۽ فتح هر حال ۾ حق ۽ سچ جي ٿي آهي.

روزاني هلال پاڪستان، ڪراچي

12 **آگسٽ** 2018

لفظ سياست جي مفهوم تي فڪر ڪندي هڪ ڳٽتي ورائي تي وجي ته ڇا سياست يا جهموريت هڪ ئي خاندان جي ساڳين فرد ڪي مسلسل چوندڻ جو نالو آهي يا عوام ڪي خوشحالي جي دولاب ۾ رکي ڪري هر دفعي انهن سان چالاڪي ڪرڻ جو نالو سياست آهي، اگر ائين ناهي ته پوءَ سنڌ اندر انهن مظلوم ماڻهن جي آواز ڪي طاقت نصيب ڇو نٿي ٿئي جيڪي حڪومتي دورن ۾ رڙيون، دانهون ۽ ڪوڪو ڪن ٿا، انهن جي دانهن جو درمان ڇو نٿو ٿئي، سندن آوازن ڪي ٻڌڻ بدران دٻايو ڇو ٿو وڃي، ڪين هيسايو ۽ دٻايو ڇو ٿو وڃي، اليڪشن کان پهريان پاڪستان پيپلز پارٽي خلاف سوشل ميڊيا تي ٻاريل باھ پوري سنڌ جي عوام ڪي اهو تاثر ڏنو ته سنڌ جا ماڻهون پاڪستان پيپلز پارٽي کان بيزار آهن ۽ وري جڏهن هاڻ اليڪشن ٿي چڪي آهي ۽ سنڌ جي سياست تي هڪ نظر ڦيرائجي ٿو ته اهو پتو پوي ٿو ته سنڌ جي اڪثر اهم تڪن تي پ پ پ جا اميدوار ڪامياب ٿيا آهن، آخر سوچڻ جهڙي ڳالھ اِها آهي ته سنڌين جي پاڪستان پيپلز پارٽي خلاف اجتماعي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ڪيڏانهن وئي، اِها ڪاوڙ ۽ ڪروڌ حقيقي روپ ۾ سامهون ڇو نه آهي، سنڌ جي عوام پاڻ سان ٿيل نا انصافين جو ازالو ووٽ جي طاقت ڪي استعمال ڪندي ڇو نه ڪيو، وري به ساڳين پوتارن ۽ لٽيرن ڪي پاڻ مٿان قابض ڪري آخر ڪار سنڌ جا ماڻهو چاهن ڇا ٿا، هڪ طرف پنهنجي پوري زندگي قومي سياست ڪي ارپيندڙ سائين جلال محمود شاھ توڙي سائين زين شاھ جهڙا اهم سنڌ پرست ناڪام ٿين ٿا ته وري ٻي طرف اياز لطيف پليجو، محترم علي قاضي، استاد لياقت ميراڻي توڙي مولانا راشد محمود سومري صاحب جهڙا اعلي ظرف اڳواڻ به حڪومتي چالاڪي جو شڪار ٿيندي پنهنجن تڪن تا سوپ حاصل نٿا ڪن، عام ماڻهو جهڙي ريت اليڪشن کان مطمئن آهن تهڙي ريت سنڌ جا اهم اڳواڻ ۽ سنڌ پرست فرد اليڪشني چالاڪين سبب فڪر ۾ ورتل آهن ڇو ته هن اليڪشن ڪي هڪ سوچيل سمجهيل حڪمت عملي تحت عمل ۾ آندو ويو آهي، اليڪشن ٿيڻ کان تمام جلد ئي آر ٽي ايس سسٽم جو خراب ٿيڻ ۽ نتيجن جو دير سان اعلان ٿيڻ مطلب ته هن اليڪشن ڪي اليڪشن نه پر سليڪشن چئي سگهجي ٿو، ڇو ته مٿان ويهي ڪري جن جي حق ۾ فيصلا ڪيا ويندا اُهي فيصلا عام ماڻهون ڪي صدقنا آمنا چئي ڪري قبول ڪرڻا پوندا، اهڙي ريت هن دفعي واري اليڪشن مونجهارن مٿان مونجهارن پيدا ڪري رهي آهي.

هڪ طرف تمام سياسي پارٽين جي پاڻ ۾ گڏجاڻين جو فيصلو ٻي طرف ڪجھ سياسي پارٽين جو اليڪشن جي نتيجن کي مڃڻ کان انڪار ڪرڻ ۽ ٽي طرف وري اهڙا امڪاني ڪم جن جي صادر ٿيڻ سان هزارين سوال جنم وٺن ٿا ۽ ذهن ۾ شڪ جو پهلو سگهارو ٿي ٿو ته اهڙي ماحول ۾ ملڪ جي بهتري جي ڪهڙي توقع ڪري سگهجي ٿي، ڪهڙي ريت اهو سمجهجي ته هاڻ سنڌ جا سور ساڳيا نه رهندا، اهو ڪين مڃي ونجي ته هاڻوڪي حڪومتي دور ۾ ڪراچي جي رستن تي سنڌ جي نياڻين جي تذليل نه ٿيندي، اهو ڪين مڃي ونجي ته هاڻ ڪراچي ۾ روڊن تي استادن تي لٺيون نه وسايون وينديون سندن تذليل نه ڪئي ويندي، ڪين گهر کان ٻي گهر نه ڪيو ويندو، اهو سڄو ڪار وهنوار ڪهڙي ريت دم ٽوڙيندو ڇو ته وري به اُهي ئي ساڳيا حڪمران ڪامياب ٿيا آهن جن کي پوري قوم رد ڪيو هو، جن عام ماڻهو جي تقدس کي نه سمجهندي ڪيس ويڪائو ڇيو هو سندس ووٽ جي تقدس کي پائمال ڪيو هو ۽ ڪيس ڇولا وڪڻڻ واري تجويز ڏني هئي، هاڻ اُهي ساڳيا حڪمران ڪهڙن اصولن تحت سنڌ جي ماڻهن ۽ خاص طور تي سنڌ جي مفادن تي جنگ لڙندا، يقنن اهڙو ڪجھ ڪونه ٿيندو سنڌ جا سور متان اڳ کان وڌيڪ ناسور ٿين ۽ پوري سنڌ انهن ماڻهن کي پاراتو ڏي جن سنڌ جي حقيقي وارثن ۽ پٽائي جي گيتن جهڙي شفاف شخصيت رکندڙ فردن کي ڪامياب ٿيڻ لاءِ ساٿ نه ڏنو، ان لاءِ سنڌ کي اهڙن ڇورن جي رحم ۽ ڪرم تي نٽو ڇڏي سگهجي، سو اڃو ته سنڌ جي مفادن لاءِ پنهنجي جنگ وقت جي فرعونن سان جوٽيون ۽ ڪين اهو احساس ڏياريون ته اسان پنج هزار سال پراڻي تهذيب جا وارث آهيون، هي ڌرتي اوهان جهڙن ڇورن جي ناهي بلڪ هي ڌرتي انهن فردن جي لاءِ آهي جن کي پاڻ کان وڌيڪ ٻين جو اُنو رهندو آهي.

روزاني هلال پاڪستان، ڪراچي

29 جولاءِ 201

## سنڌ اندر اِعتِدالي سياست جو ڏيوالِپڻو

سوشل ميڊيا هن مهل جيڪي معجزا ڪري رهي آهي ان جو فائدو يقنن سنڌي عوام کي پوندو ڇو ته سوشل ميڊيا جي طاقت سان ڪرپٽ حڪمرانن جا چهرا تيزي سان نروار ٿي رهيا آهن ۽ عام ماڻهو کي سندن ڪارڪردگي بابت چڱي خاصي سُڌ پئجي رهي آهي، ٽيڪنالاجي ڪان پري هجڻ سبب سنڌ ڏرتي جو عام ماڻهو سياست جي چالبازين ۽ چالاڪين ڪان گهڻو عرصو پري هيو جنهن سبب سندن ذهن ۾ بغاوت واري لهر جي اڀرڻ جا موقعا گهٽ هئا پر هاڻ جديد ٽيڪنالاجي جي عام ٿيڻ سان هن مهل سنڌ جو هر عام توڙي خاص فرد سنڌ جي سياست جي تبديل ٿيندڙ صورتحال ڪان وقت به وقت واقف ٿي رهيو آهي ۽ سندس ذهن ۾ بغاوت وارو عنصر ڏينهن به ڏينهن بالغ ٿيندو رهي ٿو ۽ اهڙي ريت هر عام توڙي خاص ماڻهو سنڌ پرست دوست ۽ سنڌ دشمن عنصرن ڪان واقفيت حاصل ڪري رهيا آهن.

هر ڏينهن سوشل ميڊيا تي ڪنهن نه ڪنهن اميدوار جي ويڊيو ليڪ ٿي ڪري سامهون اچي ٿي جنهن ۾ سندس تڪ جي ماڻهن طرفان سندس آڏي پڇا ڪئي وڃي ٿي ۽ سندس ڪارڪردگي بابت سوال اٿاريا وڃن ٿا، حالانڪ اهو عمل گهڻن ماڻهن ۽ خاص طور تي ان اميدوار سان لاڳاپيل فردن لاءِ تڪليف ڏيندڙ هوندو آهي پر ان جي باوجود اهو عمل مجموعي طور سنڌ اندر بغاوت واري فزا کي تسلسل بخشي رهي آهي ۽ عوام ۾ سوال اٿارڻ ۽ آڏي پڇا ڪرڻ واري قوت سگهاري ٿي رهي آهي، حقيقتن کي مدنظر رکي ڪري اگر ڏسجي ته واقعي سنڌ اندر هن مهل تائين جهڙي ريت عام ماڻهون لاءِ بنيادي سهولتن جو فقدان پيدا ڪيو ويو آهي تهڙي صورتحال شايد دنيا جي ٻي ڪنهن به خطي ۾ نه هجي، خوشحال سنڌ جي ماڻهن کي ڏڪارو ڪيو ويو آهي، لازم آهي ته اهي سڀ ميارون توڙي ملامتون انهن ئي حڪمرانن تي ئي واجب ٿين ٿيون جيڪي ڪي ئي سال حڪومتي ڏارا جا حصا بڻجي ڪري سنڌ جي خوشحالي لاءِ ڪو مناسب حڪمت عملي پيدا نه ڏئي سگهيا آهن يا وري عوام جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪا به آساني فراهم نه ڪري سگهيا آهن، جمهوريت جي دعويدارن کي اهو هر گز نه وسارڻ گهرجي ته پنهنجي تڪ جي اميدوار ڪان سوال ڪرڻ هر هڪ ووٽر جو بنيادي حق آهي ڇو ته انهن ووٽرن جي ووٽ جي طاقت سان ئي ته اهي نمائدا ايوانن تائين پهچن ٿا ۽ حڪومت جو حصو بڻجن ٿا.

هاڻ جڏهن انهن مسلسل سنڌ تي پورا ڏهه سال جمهوري حڪومتي طور تي حڪومت ڪئي آهي ۽ سنڌ جي نمائندا پارٽي جا دعوٰه ڪندا رهيا آهن ان جي باوجود پوري سنڌ ۾ ڪو اهڙو مثالي ادارو قائم نه ڪري سگهيا آهن جنهن جو مثال ڏجي ها، پوءِ پلي نه ڇو اهو ادارو تعليم جو هجي يا، صحت جو يا وري زراعت جو، پر دراصل حقيقت ۾ هنن ڪي بجيٽن جي صورت ۾ مليل ڏوڪڙن منجهه هڪ روپيو به عوام جي ڇڱائي لاءِ ڪتب قطعي طور ڪونه آڻيو هو ان لاءِ هنن ان پئيسي ڪي ڪرپشن جي لپيٽ ۾ آڻي ڪري پنهنجا بئينڪ بئلنس پريا، هاڻ جڏهن سندس حڪومت ڪونه رهي آهي ۽ هڪ دفعو وري ڪين عوام ڏانهن لاڙو ڪرڻو پيو ته ان جي لاءِ هاڻ ڪين هر جڳهه تي تذليل ۽ خواري ڪي منهن ڏيڻو پوي ٿو.

پوري سنڌ ڪي موئن جي دڙو جهڙو بنائڻ جي باوجود به جيالا ايترا ته نڪ جا پڪا آهن جو اجا تائين پنهنجي جماعت جي سنڌ اندر ڪامياب ٿيڻ جي توقع رکيو وينا آهن، جيالن جي اها مها منافقت آهي جو ڪين سنڌ ڌرتي جا اجتماعي ڏک، ڏوجهڙا ۽ تڪليفون نظر نٿيون اچن ڪين پنهنجا انفرادي مفاد سنڌ جي اجتماعي مفادن ڪان وڌيڪ پيارا آهن تڏهن ئي ته اجا تائين منافقت واري رويي ڪي اپنائيندي پنهنجي پارٽي جا گُڻ ڳائن پيا، پر وري به پلو ٿي سوشل ميڊيا جو جنهن وقت سر منافقن جا چهرا پڌرا ڪيا، انهن فردن ڪي به جس هجي جيڪي پنهنجي علائقي جي چونڊيل نمائدن جو احتساب ڪري رهيا آهن، انهن ڪان سندس ڪارڪردگي بابت پڇا ڳاڇا ڪري رهيا آهن.

اصل ۾ عوام منجهه پهريان خوف وارو عنصر گهڻو حاوي هو، خوف ۾ مبتلا هجڻ سبب عام ماڻهو پاڻ ڪي ڪمزور سمجهندو هو ۽ ان جي برعڪس پوتار توڙي وڏيري ڪي پاڻ ڪان وڌيڪ طاقت ور ۽ سگهارو سمجهندو هو، ان خوف جي هجڻ جي ڪري انهن ڪان ڪجهه به پڇڻ ڪان قاصر هوندو هو، پر هاڻ سوشل ميڊيا جي عام ٿيڻ سان عام ماڻهو جي اندر جو اهو خوف ختم ٿيڻ لڳو آهي ڪيس اهو پڪ ٿي چڪو آهي ته اِهي پوتار يا وڏيرا سندس ڪجهه به بگاڙي ڪئين ٿا سگهن، ڪيس اهو پڪ ٿي چڪو آهي ته اصل طاقت ۽ سرچشمو آهي ئي عوام، ان لاءِ هاڻ سنڌ جو عام ماڻهون پنهنجي

اندر بغاوت واري لهر ڪي سمائيندي پنهنجي تڪ جي اميدوار ڪان آڏي پچا ڪرڻ جي صلاحيت پنهنجي اندر منجهه رکي ٿو، سنڌ جي ماڻهن صدين ڪان خوشحالي جي آسري تي ووٽ ڏئي ڪري پنهنجو پاڻ ڦرايو آهي ڪڏهن ڪنهن پوتار جي هٿ تي ووٽ ڏئي ڪري، ڪڏهن ڪنهن مٺ مائٺ جي هٿ تي، ڪڏهن ڳوٺ جي ڪنهن چڱي مڙس جي هٿ تي ووٽ ڏئي ڪري پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪيو آهي، ان جي عيوض ڪيس انهن ئي عوامي نمائندن وٺان بک، بدحالي توڙي بي روزگاري ملي آهي، پنهنجا حق گهرڻ تي تشدد، پنهنجي ڌرتي جي ڳالهه ڪرڻ تي ڪيس غدار جي لقبن ۽ عقابن سان نوازيو ويو آهي.

سنڌي ۾ هڪ چوڻي مشهور آهي ته ٿه ڏينهن چور جا ته چوٿون ڏينهن ڀاڳئي جو به هوندو آهي، هاڻ ائين سمجهو ته هي چوٿون ڏينهن هلي رهيو آهي، هاڻ چورن جا ته ڏينهن مڪمل ٿي چڪا آهن، ڀاڳئي گهڻو ئي ڀوڳيو، ڀاڳئي گهڻو ئي انتظار ڪيو ته حالتون تبديل ٿين پر ائين نه ٿيو ان لاءِ هاڻ ڀاڳين هٿ ۾ ٽچ موبائل کڻي ڪري چورن کي نروار ڪرڻ شروع ڪيو جنهن جي ڪري هن وقت پوري سنڌ ۾ چور موبائل فون ڪان ائين لنوائڻ لڳن ٿا جئين ڪائون پڇي ڪمان ڪان.

روزاني هلال پاڪستان، ڪراچي

9 جولاءِ 2018

## تبديل ٿيندڙ سنڌ جي سياسي صورتحال

سنڌ جا ماڻهو جيتري قدر مهمان نواز ۽ محبتي رهيا آهن ان جي نسبت سياسي شعور جي حساب سان ڏاڍا اياڻا ۽ سڀاجهڙا رهيا آهن جنهن سبب هڪ ئي قوت صدين کان وٺي ڪري ڪين ذهني طور يرغمال بڻائي ڪري سندن بنيادي سهولتن جو فقدان پي پيدا ڪيو، ان فقدان جي نروار ٿيڻ سبب سنڌ جي مجموعي صورت هن مهل انتهائي ڳٽي جوڳي بڻجي چڪي آهي ۽ سنڌ جو هر هڪ شعوري فرد هن مهل سنڌ بابت فڪر مند آهي ۽ سنڌ جي خوشحالي چاهي ٿو.

سنڌ جي ماڻهن سان وڏيون وساه گهاتيون ڪيون ويون آهن، ڪين خوشحالي جا سنهري خواب ڏيکاري ڪري هميشہ ڏڪارو ڪيو ويو آهي، اقتدار ڏٽي هجڻ جي باوجود به سنڌ ۾ ڪو به مثالي ترقي نظر نه ٿي اچي، هن دفعي اليڪشن جي صورت حال اڳ واري صورت حال کان مختلف نظر اچي پئي، هن دفعي جي اليڪشن ۾ سنڌ جون گهڻ گهريون طاقتون ابري ڪري سامهون ايندبون، هن دفعي سنڌ جي سياست جو رخ تبديل ٿيندو ۽ سنڌ دوست شخصيتن کي اڳتي اچڻ جو بهترين موقعو آهي.

سنڌ جي سياسي حالتون ان طرف اشارو ٿيون ڪن ته هن دفعي اقتدار ڏٽي ڪنهن هڪ پارٽي يا ڌر جا فرد نه ٿي سگهندا هن دفعي واري حڪومت گڏيل حڪومت نهندي، گڏيل حڪومت نهڻ جا چٽا امڪان وفاقي حڪومت جي نهڻ ۾ به نظر اچن ٿا پر سنڌ ۾ ته گڏيل حڪومت نهڻ جا چٽا ۽ واضع امڪان نظر اچن پيا، هن دفعي سنڌ اندر سياسي وايو مڊل اڳ واري اليڪشنن کان مختلف آهي.

حُر جي روحاني پيشوا جي ڊي اي کي جوڙي ڪري پنهنجي ئي بنيادي پارٽي فڪشنل ريت کي پاڻ پوئتي ڌڪي ڇڏيو، فڪشنل ليگ جي جاءَ تي جي ڊي اي جي تشڪيل مان اهو تاثر وٺي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ اڄ تائين فڪشنل ليگ پاڻ کي مضبوط نه ڪري سگهي آهي ان جي لاءَ کي ڪيس هن دفعي جي ڊي اي جو ويس پارايو ويو آهي، ان کان علاوه محترم اياز لطيف پليجو صاحب جي قومي عوامي تحريڪ به سنڌ اندر پنهنجون پاڙون ايتري مضبوط نه ڪري سگهي آهي جو ان کي انفرادي طور اليڪشن ۾ حصو

ونڻ بجاءِ جي ڊي اي جو پاسو ونڻو نه پوي ها، ان سان گڏوگڏ ذلفقار مرزا صاحب جهڙي ريت پ پ پ کان علحدگي ڪري پنهنجو بنياد پي ناهڻ چاهيو ان جو اچانڪ جي ڊي اي جو حصو بڻجڻ به يقنن هڪ علامتي امڪان آهي.

تحريڪ انصاف سنڌ هن مهل اندر ايتري سگهاري نه بڻجي سگهي آهي جو ڪيس سنڌ جي سياسي متبادل جو لقب ڏجي ها، جي ڊي اي به سنڌ جي سياست جو متبادل هر گز نه آهي ڇو ته جي ڊي اي جو تصور صرف اليڪشن تائين محدود آهي، اليڪشن کان پوءِ جي ڊي اي جا سڀ ميمبر پنهنجي اصلوڪي سياسي جماعتن ڏانهن رخ ڪندا، سنڌ اندر هن مهل پاڪستان پيپلز پارٽي جي متبادل طور جيڪا سياسي پارٽي سامهون اچي رهي آهي سان آهي تبديلي پسند پارٽي، ڇو ته هن مهل جهڙي ريت ٿوري عرصي ۾ تبديلي پسند پارٽي سنڌ اندر پنهنجون پاڙون مضبوط ڪيو آهن تهڙي ريت شايد ٻي ڪا به پارٽي نه ڪري سگهي آهي، سنڌ يونائيٽڊ پارٽي گهڻو اڳ کان ونِي ڪري هر دفعي جي اليڪشن ۾ حصو ونندي آئي آهي پر ڪيس اڄ تائين اُها سوڀ نصيب نه ٿي سگهي آهي جيتري ان منجهان سنڌ جي ماڻهن کي توقع هوندي هئي، پر ان جي برعڪس تبديلي پسند پارٽي تمام گهٽ وقت ۾ پوري سنڌ جي ماڻهن کي متحد ڪرڻ ۾ ڪامياب وئي آهي، هاڻ ڏسڻو اِهو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي کي هن دفعي اليڪشن ۾ وڏ کان وڏ شڪست ڪهڙي پارٽي طرفان ڏني وڃي ٿي.

سنڌ جا ماڻهون ويڳاڻپ واري حال ۾ رهي رهي هاڻ بي حال ٿي چڪا آهن، پهريان ڪين اهو ٻهانو هوندو هيو ته ڪين متبادل سياسي پارٽي نه آهي، حقيقت جي بنيادن تي جيڪڏهن سنڌ جي سماجي صورتحال جو جائزو ونجي ٿو ته اهو معلوم ٿئي ٿو ته هتان جي عوام جو معاشي استحصال ڪيو ويو آهي ڪين غلامي واري زنجير ۾ جڪڙي ڪري ڪين تڪليفن مٿان تڪليفون ڏنيون ويون آهن، سندن روزگار جا دروازا بند ڪري ڪين بينظير ڪارڊ جي پئسن جو عادي بڻايو ويو آهي، سندس روڊ رستا بند ڪري ڪين حادثن جي ور ڪيو ويو آهي، سندن صحت جي سهولتن کي اڻ لپ ڪري ڪين ڏٽي وٽ جلد پهچائڻ جو جوڳو بندوبست ڪيو ويو آهي، سندن تعليم تباه ڪري ڪين جهالت ۾ اونداهي واري غار جي حوالي ڪيو ويو آهي.

مجموعي طور ايتريون ساريون تڪليفون، پوڳڻائون ۽ ويساه گهاتين سهڻ جي باوجود به هتان جو عوام جمهوريت تي يقين رکي ٿي، ووٽ ذريعي پنهنجي قسمت تبديل ڪرڻ واري فهم تي اعتبار ڪري ٿي ۽ هاڻ سنڌ اندر سياسي شعور اڳ کان وڌيڪ سگهاري ٿي چڪي آهي، هن مهل سنڌ جو هر هڪ باشعور توڙي لاشعور فرد سنڌ جي بهتر مستقبل لاءِ فڪر مند آهي، ان پنهنجي فڪر کي عملي طور ظاهر ڪرڻ لاءِ اليڪشن جو انتظار ڪري رهيو آهي، اليڪشن جي ايندي ئي گهڻا سنڌ شناس فرد ساڳين چهرن ۽ آزمايل سياسي اڳواڻن کي گهر پيڙو ڪندا، ڇو ته اصل سرچشمو ۽ طاقت عوام ئي آهي، عوام جنهن کي چاهي ان کي اقتدار ڏئي ٻڌائي سگهي ٿي ۽ جنهن کي چاهي ان کي گهر پيڙو ڪرائي سگهي ٿي.

سنڌ مان جهڙي ريت نواز ليگ ۽ ايم ڪيو ايم ڪمزور ٿي ڪري پنهنجي حيثيت وڃائي چڪيون آهن اهڙي ئي ريت پاڪستان پيپلز پارٽي جو مستقبل نظر اچي پيو، ڇو ته پنهنجي حڪومتي دور ۾ جيتريون ويساه گهاتيون هن سياسي پليٽ فارم جي بنيادن تي سنڌ جي عوام سان ٿيون آهن ايتريون ويساه گهاتيون ته نواز جي دور حڪومت ۾ به سنڌ سان نه ٿيون هيون، هن وقت سنڌ جو هر فرد ساڳين چهرن ۽ آزمايل پوتارن کان بيزاري جو اعلان ڪيو وينو آهي، هن دفعي پوتارن جي شڪست جا چٽا امڪان واضع نظر اچي رهيا آهن.

اِها به هڪ حقيقت آهي ته سنڌ تڏهن ئي ترقي واري راه اختيار ڪري سگهي ٿي جڏهن نوا چهرا ايوانن تائين پهچندا، جڏهن نئي قيادت سنڌ مان ابري ڪري سنڌ جي دردن جو حل تلاش ڪندي، اقتدار ڏٽي جڏهن تبديل ٿيندا تڏهن ئي ڪا ڪارگر حڪمت عملي جڙي سگهندي جنهن جي وسيلي سنڌ جي ماڻهن جي خوشحالي وارو خواب ساپيان ماڻيندو، باقي آزمايلن کي وري آزمائڻ ناداني جو هڪ اعلي ۽ نادر نمونو آهي، هن دفعي سنڌ جا ماڻهو اياڻا نه پر سياڻا ٿي ڪري پنهنجو ووٽ ڪاسٽ ڪندا تڏهن ئي سنڌ خوشحالي طرف سفر ڪندي ۽ اسان وٽان فرسوده سياست جو خاتمو اچي ويندو.

روزاني هلال پاڪستان، ڪراچي

21 جون 2018

## اچو ته ڌرتي جو قرض لاهيو

انسان تي فطري طور ڪجهه ذميواريون قدرت واري طرفان از خذ نافذ ڪيون ويون آهن جن ۾ سر فهرست ذميواري آهي پنهنجي ڌرتي جي حفاظت ڪرڻ ۽ سندس بقا لاءِ پاڻ پتوڙڻ، اسان جي ڌرتي، سنڌ ڌرتي جنهن تي اسان جنم ورتو آهي، جنهن تي اسان جي وڏڙڻ پنهنجي پوري زندگي گذاري آهي، اُها ڌرتي هن وقت سياسي طور هڪ عجيب قسم جي مونجهاري ۾ مبتلا آهي، اُن ڌرتي جي فردن ڪي صدين تائين شهيدن، پيرن توڙي مرشدن جا واسطا ڏئي ڪري ڦريو لٽيو ويو آهي، هن وقت اُن ڌرتي جي رهواسين کي هڪ دفعو ٻيهر ساڳيا چهرا، ساڳيا واسطا ڏئي ڪري بليڪ ميل ڪري رهيا آهن.

گهڻي تائيم کان وني ڪري ان ريت سنڌ جي عوام کي ذهني طور يرغمال بڻائي ڪري سندن حق ڦٻايا ويندا هئا، ڪين ڪوڙا آسرا ۽ ڏتا ڏئي ڪري مصنوعي خواب ڏيکاريا ويندا هئا، سنڌ جو عوام ازل کان وني ڪري سٻاجهڙو رهيو آهي جنهن سبب ڪين سندن ان سٻاجهڙائپ گهڻو ئي نقصان ڏنو آهي، ان جي باوجود وقت هتان جي عوام کي گهڻن ئي حقيقتن کان آشڪار ڪيو آهي، هاڻ هن وقت سنڌ جي پڙهيل لکيل طبقي ۾ شعور جي جهلڪ نظر اچي ٿي، هن دفعي واري صورت حال، اڳ وارين صورت حالن کان مختلف نظر اچي ٿي هر ڪو سمجهي چڪو آهي ته هتان جي حڪمرانن کي عوامي مفادن کان وڌيڪ ذاتي مفاد عزيز آهن.

سنڌ ڌرتي جي هاڻوڪي حالت تي هر قلم ڌڻي توڙي باشعور فرد فڪر مند آهي پر چا سندن اِها فڪر سنڌ جي هاڻوڪي حالت کي تبديل ڪرڻ ۾ مدد گار ثابت ٿيندي، يقنن اهو فڪر تڏهن ڪارڳر ثابت ٿيندو جڏهن ان فڪر کي عملي طور سنڌ جي خوشحالي لاءَ قطب آڻبو، سنڌ ڳِتي جوڳي حالت مان تڏهن ئي ٻاهر نڪري سگهي ٿي جڏهن سنڌ جا ماڻهو پنهنجي بهتر مستقبل لاءَ هن دفعي ووٽ وسيلي پنهنجا حڪمران درست نموني چونڊبن، انهن حڪمرانن جو بائڪاٽ ڪن جيڪي ڪوڪلن دعوائن تي ڪامراني جا ڪوٽ ٻڌن ٿا، عوام جي جذبن سان ڪيڏي ڪري ڪين اونداهي جي غار ۾ ڌڪيلن ٿا، هاڻ ڌرتي جي قرض لاهڻ جو وقت اچي ويو آهي.

جنهن ڌرتي منجهان اسان کي انيڪ قدرتي وسيلا جهڙوڪ تيل، گيس توڙي اڻ ڳڻ مادنيات ميسر ٿئي ٿي جن جي وسيلي مختلف ايجادون پايا تڪميل تائين پهچن ٿيون ۽ زروريات زندگي جون آلاتون تيار ٿين ٿيون، هاڻ ان ڌرتي کي اهنجن ۽ صدمن کان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ اسان توهان کي سوچي سمجهي ڪري پوءِ فيصلو وٺندو پوندو، ڇو ته زمين کي بجر به حڪمران ئي بڻائيندا آهن ۽ زمين کي جنت جي ٽڪري به حڪمران ئي پنهنجن پاليسين تحت بڻائيندا آهن، اِن لاءِ هن دفعي بهتر حڪمراني جي چونڊ اسان جي ڌرتي کي بجر بنائڻ کان بچائي وٺندي.

هن سماج جو هر هڪ باشعور ۽ ذميوار فرد جڏهن پنهنجي مٿان بهتر حڪمراني واري چونڊ جي ذميواري محسوس ڪندو تڏهن ئي اهو فرد بهتر حڪمراني جي عمل ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪري سگهندو ۽ ڌرتي جي قرض لاهڻ لاءِ پاڻ ملهائيندو، ان جي برعڪس هن معاشري جا جيڪي فرد غير سنجيدگي توڙي لاغرصي واري زندگي گذاري رهيا آهن جن کي پنهنجي مستقبل توڙي پنهنجي ڌرتي جي مستقبل جي ڪنهن به حساب سان ڪا ڳڻتي نه آهي يقين رکو اُهي فرد اڳتي هلي ڪري گهڻن ئي پوڳنائن کي پوڳيئندا، ڪين پڇتاءُ اڃي پلئه پوندو، ان لاءِ ڪين سگهو ئي ترت اپاءُ وٺڻ گهرجن ڌرتي جنهن کي جيجل ماءُ جو خطاب ڏئي ساڻس اسان مخاطب ٿيندا آهيون، جنهن جي ڪوک ۾ اسين پرورش وٺندا آهيون، موت کان پوءِ جنهن جي سحن ۾ اسين ابدي طور آرامي ٿيندا آهيون، لازم آهي اسين ان جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون، ان جي رهواسين جي فلاح، بهبود توڙي ڪامراني لاءِ پاڻ کي متحرڪ رکون، سستي ۽ ٽوٽاپ کي ترڪ ڪريون، اسان جي ان بي سستي، لاغرصي ۽ منهنجو ڇا وڃي واري فطرت اجتماعي طور اسان جي قوم کي ڪافي سارو نقصان ڏنو آهي ۽ اسان جي ڌرتي دردن جو ديس بڻجي وئي آهي، خوشحالي تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي جڏهن پاڪيزه توڙي شفاف ذهن رکندڙ فرد ايوانن ۾ پهچندا جن جي اولين ترجيع ڌرتي کي پر سڪون بنائڻ هجي، جن جا خواب نوجوانن جي جذبن تي اڏيل هجن، جن جا ڪم اسان توهان لاءِ قابل فخر هجن.


www.sindhsalamat.com

تڏهن ئي وجي ڪري هي ڌرتي عالم انسانيت لاءِ بقا جو ڪم ڏئي سگهي ٿي، جتي بني آدم جي ترقي ممڪن ٿي سگهي ٿي، هن وقت ملڪ اندر لاقانونيت جي جيڪا فضا قائم ٿيل آهي انهي جو وڏ ۾ وڏ شڪار به اسين سنڌي ٿئون ٿا، اسان جي استادن کي سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ۾ تشدد جو نشانو بڻايو ٿو وڃي، اسان جي نياڻين جي سرعام تذليل ڪئي وڃي ٿي، اسان جي جوانن کي جبري طور ڪنيي ڪري لاپتا ڪيو ٿو وڃي، اسان جي تعليمي ادارن ۾ ڪا سڌار يا بهتري نٿي آندي وڃي، اسان جون اسپتالون صحت جي بنيادي سهولتن ڏيڻ کان انڪاري آهن، هر شعبو هر ادارو تباهي ڪناري پهچي چڪو آهي، هي سڄي تباهي، سڄو نقصان صرف سنڌ جي ڪاتي ۾ ليکي ٿي وڃي

ان سڄي ڪار گذاري جا ذميوار اسان جا حڪمران آهن، اُهي اقتدار ڏٽي هجڻ جي باوجود به سنڌ جي بقا توڙي سندن حقن جي تحفظ لاءِ هڪ ٻٽڪ به ٻاهر نٿا ڪڍن، جنهن سبب سنڌ دشمن قوتون اڃا وڏيڪ سگهاريون ٿينديون ٿيون وڃن ۽ وري پوئِتا سنڌ جي عوام کي پوئِٽي تي پوي، سنڌ جا نسل در نسل فرد در بدري واري زندگي گهارڻ تي مجبور ٿين ٿا، اڃو ته سنڌ کي ان ڳٽتي جوڳي حالت ۾ ڪڍي ڪري خوشحالي واري گس تي آڻيون، سنڌ کي ماءُ جي هنج جيان ٻڻايون جتي سنڌ ڌرتي جي هر هڪ فرد کي سک، سڪون، امن و امان ۽ شان و شوڪت گذارڻ جو موقعو ملي، خوشحال سنڌ جا ماڻهو دنيا آڏو سنڌ توڙي سنڌين جي شان ۽ مان کي چار چنڊ لڳائي ڪري ڪين وڏيڪ مهذب ۽ معتبر قوم ثابت ڪندا، اڇو ته ڌرتي جي قرض کي لاهيون، پراڻن پوتارن، وڏيرن توڙي لٽيرن کي اسيمبلي حالن تائين پهچڻ جو موقعو ئي نه ڏيون.

روزاني هلال پاڪستان، ڪراچي

9 جون 2018

اسان جي معاشرتي اصولن جو زوال

دنيا هر گهڙي، هر سيڪنڊ، هر پل ۾ تبديلي طرف سفر ڪري رهي آهي، جديد کان جديد تر ملڪ اڃا وڌيڪ جديد ٿيڻ جي ڊوڙ ۾ شامل آهن، پر اسان جي بد قسمتي اِها آهي جو اسان ان خطي جا رهواسي آهيون جتي جديد ٿيڻ کي ڇڏي ڪري قديم ٿيڻ کي وڌيڪ اهميت ڏني ويندي آهي، اسين دنيا سان گڏ هلڻ جي بجاءِ دنيا کي پنهنجا پراڻا ڪارنامه ٻڌائڻ ۾ مصروف عمل هوندا آهيون، جنهن سبب اسان جي معاشري جِي بهترين جوڙجڪ نه ٿي ٿئي، ماڻهن جي سوچڻ واري سگهه ترقي نه ٿي وٺي، جديد خيال توڙي جديد لاڙا جنم نه ٿا وٺن.

آخر سبب ڇا آهي جو اسان جا معاشرتي اصول صدين کان وٺي ڪري ساڳيا ئي آهن، انهن اصولن ۾ ڪا نواڻ اچي ئي نٿي، ارتقا جو سفر اڳتي وڌي ئي نٿو، پاسداريون ٿين ٿيون پراڻن ريتمن توڙي رسمن جون، پراڻن روايتن کي جياريون ٿو وڃي، قديم کان قديم تر اصولن کي قديم ٿيڻ ڏنو ئي نٿو وڃي انهن جي روحن ۾ ساه ڦوڪي ڪري وري ڪين جياريو ٿو وڃي، حالانڪ دنيا جا مهذب معاشرا نت نون اصولن ۽ ضابطن کي جوڙڻ ۾ مصروف عمل آهن.

اسان وٽ سياست جهڙي مهذب عمل ۾ غير مهذب توڙي غير اخلاقي ٻولي ڳالهائيندڙ فرد صدين کان قبصو ڄمايو وينا آهن، سندن هٿ ڌرمي نون ڇهرن کي اڳتي اچڻ لاءِ ڪو گس ئي فراهم نٿي ڪري، نت نوان حربا هلائي ڪري نئي جوش نئي ولولي کي ٿڌو ڪري ماٺ ڪرائي ٿا ڇڏين، پوتارڪو ذهن پنهنجي بادشاهت کي ختم ٿيڻ ئي نٿو ڏي، عوام سان ويساه گهاتي ڪئي وڃي ٿي سان به بار بار، افسوس جو مقام آهي.

جهموريت جي دعويدار حڪمرانن پاڪستان ۾ ڪهڙي نواڻ آندي آهي، بلخصوص سنڌ کي هنن جهموري حڪومتن ۾ ڪيتري ترقي نصيب ٿي آهي، سڀ ڪجهه اوهان جي سامهون آهي، اسان جا شهر ٻهراڙي جو ڏيک ڏيڻ لڳا آهن، اسان جو اسپتالون تباه ٿي چڪيون آهن، تعليمي ادارن ۾ معياري تعليم اڻ لڀ ٿي چڪي آهي، اسان جون يونيورسٽيون بينل اقوامي معيار تي پوريون نٿيون لهن، اسان جي استادن جي تذليل

ڪئي وڃي ٿي، اسان جي نياڻين جي تقدس کي روڊن تي سرعام پائمال ڪيو ٿو وڃي، اِهو ڪهڙو ظلم آهي، ڇا اسين سنڌ واسي ايترا گهنگار آهيون، ڇا اسان ايترا ڏوهي آهيون.

ان سڀ ڪجهه جي ٿيڻ جي باوجود به اگر هن دفعي وري انهن ساڳين اميدوارن کي ڪامياب ڪرائي اسان توهان اسيمبلي هالن تائين پهچايو ته پوءِ پڪ ڄاڻو سنڌ صدين تائين پوئتي هلي ويندي، سنڌ اهڙي هڪ اونداهي کوهه جي حوالي ٿي ويندي جنهن اونداهي واري کوهه مان ڪيس اسان جا پوئنر به ڪڏي ڪونه سگهندا، ان لاءِ اڄو ته هاڻ وقت سر فيصلو ڪريون، آزمايلن کي وڌيڪ نه آزمايون، هي وقت آزمايلن کي آزمائڻ جو ناهي بلڪ ڪين تبديل ڪرڻ جو آهي.

وقت جي پڻ اِها تقاضا آهي ته سنڌ جي عوام جي دردن، پيڙاهن ۽ سورن جو باب هاڻ بند ٿيڻ گهرجي، ڪين هاڻ دنيا سان گڏ هلڻ وارو رستو ملڻ گهرجي، سنڌ ڌرتي کي پنهنجو هر وسيلو فطري طور ميسر آهي، سنڌ جي ماڻهن ۾ هر قسم جي قابليت ۽ نڪار آهي، بس اگر جي ڪنهن شئي جي ڪمي آهي ته اُهو آهي وقت سر فيصلو ڪرڻ واري سگهه، پر هاڻ اِها سگهه پاڻ ۾ پيدا ڪرڻي پوندي تڏهن ئي وڃي ڪري هتان جي ماڻهن جي دردن جو ڪو درمان ٿي سگهندو.

جهموريت جون پاڙون عوام ۾ ڪتل آهن، عوام چاهي ته سياست جو رخ ڪن پل ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو، هي حڪومتي ڪارندا ۽ نڱ حڪمران سڀ جا سڀ عوام اڳيان بي وس ۽ لاچار آهن، بس رڳو هاڻ پاڻ سڃاڻڻ جي دير آهي، پنهنجي ووٽ جي طاقت کي سمجهڻ جي دير آهي، علي قاضي چواڻي جڏهن عوام ڪو فيصلو ڪندي آهي ته پوءِ ان فيصلي کي خدا جي ذات ئي روڪي سگهي ٿي باقي ٻي ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي، اهڙي ريت هن دفعي عوام پوتارڪي ذهنيت رکندڙ فردن کي پنهنجي حلقن کان تڙي ڪري ٻاهر ڪڍي ته جئين نئي معاشري جي جوڙجڪ پاڪيزه ۽ صاف سٿري سوچ رکندڙ فردن جي اڳتي اچڻ سان ٿي.

ڪالھ واري سنڌ ۽ اڄ واري سنڌ ۾ ڪيترو فرق واضع نظر اچي ٿو، ڪالھ واري سنڌ ۾ امن، محبت ۽ ڀائيچاري وارو ماحول قائم هو، اڄ واري سنڌ ۾ بد امني، گندا گردي توڙي ڦر لٽ وارو ماحول قائم آهي، سنڌ کي ڪنڊرات بنائڻ وارا اصل ۾ اِهي ئي جمهوريت جا دعويدار حڪمران آهن جن پوري سنڌ کي موئن جي دڙي مثل بڻائي ڇڏيو آهي.

روزاني هلال پاڪستان، ڪراچي

03 جون 2018

سياست ۽ شعور جو پاڙ ۾ ڳانڍاپو

سوشل ميڊيا جي ظهور ٿيڻ کان پوءِ اسان جي معاشري جو هر هڪ فرد هن مهل قلم ڏٽي لڳو پيو آهي، سوشل ميڊيا جو اگر جائزو وٺجي ته اهو معلوم ٿي ٿو ته هر فرد ڪجهه نه ڪجهه لکڻ جو ڏاڍ رکي ٿو ۽ سوشل ميڊيا استعمال ڪندڙ عمومن فرد ڪجهه نه ڪجهه لکندا رهندا آهن يا وري سوشل ميڊيا وسيلي ٻين جون تحريرون پڙهندا رهندا آهن.

هاڻ جڏهن سوشل ميڊيا وسيلي لکڻ توڙي پڙهڻ جو رهجان اڳ کان وڌيڪ نمايا ٿي ويو آهي پر ان جي باوجود به اسان جي معاشري جا اڪثر فرد سنڌ ڌرتي جي ڀلي خاطر پنهنجو ڪردار ادا ڇو نه ٿا ڪن، هر روز سيڪڙن ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان باخبر ٿيندي به تحرڪ ڇو نه ٿا وٺن، اجا تائين سندس اِها ڪن لاٿار کهڙي لاپرواهي واري ظمري ۾ شمار ڪجي، ڇا اجا شعور جي ڪمي آهي؟
ڇا اجا تائين اسان جو سماج بالغ ٿِي کان پنتي پيل آهي؟

ڇا اسان ايترا لاغرض ۽ لاپرواهه ٿجي چڪا آهيون جو پنهنجي ڌرتي ڌٽين جي اهجن، دردن ۽ تڪليفن تي اسان کي ڪو ايذاءُ نه ٿو اچي

آخر سبب ڇا آهي، ڪٿي ائين ته ناهي جو اسان اڄ تائين سوشل ميڊيا کي مثبت نموني استعمال ڪرڻ جو گُر ئي ناهي سکيو، ڪٿي ائين ته ناهي جو اسان کي سوشل ميڊيا جو صحي استعمال سيکاريو ئي ناهي ويو، ڪٿي اسان جي ذهنن تي ٻيا هاوي ته ناهن، ڪٿي اسان جون سوچون ٻين سوچن جي غلامي ۾ ته نه پلي رهيون آهن، اگر ائين ناهي ته پوءِ آخر سبب ڇا آهي، اسان انفراديت واري خول مان ٻاهر ڇو نه ٿا نڪرون، اسان اجتماعيت واري لڪير ۾ سڀ گڏ ڇو نه ٿا ٿيون.

اسان وٽ هر فرد پاڻ کي عقل ڪُل توڙي ڏاهو ڇو ٿو سمجهي، مجون ٿا اسان وٽ ڏاها به انيڪ درجنن ۾ موجود آهن پر ان جي باوجود به سندن ڏاهپ اسان جي سماج کي جوڙي ڇو نه سگهي آهي، سندن ڏاهپ اسان جي سماج کي انفراديت واري خول مان

ٻاهر ڇو نه ڪڍي سگهي آهي، سندن ڏاهپ اسان جي سماج جي اڳيان هيٺو ۽ ڪمزور ڇو ٿو ٿي وڃي، ڪٿي ائين ته ناهي ته اِها ڏاهپ جنهن سبب اُهي ڏاها سڏجن ٿا، ان ڏاهپ جا بنياد ئي ڪچا توڙي ڦڪا هجن، جنهن سبب سندن ڳالهين ۾ ڪو وزن نه ٿو هجي، ڪٿي ائين ته ناهي جو اِها ڏاهپ مصنوعي ڏاهپ هجي، ڇو ته فطري ڏاهپ اڳيان قدرت جا قانون به تابع ٿي پوندا آهن.

ڪجھ دوستن جو خيال آهي ته شعور کي سياست کان پري رکجي، حالانڪ سياست شعور جو محور ۽ مرڪز آهي، سياست کان هٽي ڪري شعور جي اهميت ئي ختم ٿي وڃي ٿي، جيڪو شعور بند ڪمري ۾ ويهي ڪري سماج جي برائين تي قلم جي نوڪ کي استعمال ڪري ان شعور مان ڀلائي جي ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي، اُهو شعور جيڪو پنهنجي ارگرد جي ماحول کان بي خبر رهي ان شعور مان هن سماج کي ڪهڙي بهتري نصيب ٿيندي، اُهو شعور جيڪو ٻين تي آڱر سڌي ڪرڻ کان پهريان پنهنجو جائزو ئي نه وٺي ان شعور کان ڪهڙي طوقع رکي سگهجي ٿي، حالانڪ هن وقت سماج جي هاڻوڪي حالت کي مد نظر رکندي وقت جي اِها تقاضا آهي ته سماج جي اندر هر اُهو فرد جيڪو پاڻ کي شعوري فرد سڏرائي ٿو ان کي هن سماج جي بهتر جوڙجڪ ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

مسئلن کي اجاگر ڪرڻ بجاءِ سندن حل تلاش ڪيا وڃن، هن وقت سنڌ اندر ڪجھ ڌريون احتجاجن ۽ هڙتالن واري سياست کي هٽي ڏئي رهيا آهن، حالانڪ هن ملڪ ۾ اڄ تائين احتجاجن توڙي هڙتالن ڪرڻ جي عيوض ڪنهن به قسم جو تدارڪ ڪونه ٿيو آهي، ڪنهن به مظلوم کي احتجاج ڪرڻ کان پوءِ انصاف ناهي مليو، جڏهن معاشري جي هر فرد کي اهو بخوبي خبر به آهي ته هت ڪنهن به قسم جي ڪا مزاحمت توڙي هاءِ گهوڙا ڪم نه ٿي اچي، ان جي باوجود به وري به ساڳي هاءِ گهوڙا وارو عمل ورجايو وڃي ته پوءِ ڪهڙو فائدو.

هن وقت سڄي سنڌ سورن منجھ جڪڙيل آهي، پوري سنڌ جو ڪو اهڙو شهر يا ڳوٺ اسان وٽ موجود نه آهي جنهن کي مثالي ڪري اسان دنيا آڏو پيش ڪريون، اسان وٽ ڪو شهر يا ڪو اهڙو ڳوٺ موجود ناهي جيڪو پوري طرح سان خوشحال هجي ۽ ان ۾

هر قسم جون بنيادي سھولتون موجود هجن، هن مهل سنڌ اندر هر ڳوٺ، هر شهر، هر وستي توڙي هر واهڻ مسئلن جي چار ۾ ڦاٿل آهي، هر شهر ۾ ڪنهن نه ڪنهن حد تائين ڪجھ شعور رکندڙ فرد موجود هوندا، پر افسوس اهو ٿو ٿي ته سندن شعور پنهنجي شهر توڙي ڳوٺ جي ڀلي جي خاطر شايد ڪم نه ٿو اچي.

اگر جي شعور کي سياست کان الڳ ڪجي ٿو ته پوءِ اهو شعور ڪنهن به ڪم جو نه ٿو رهي، سنڌ ۾ اهڙا انيڪ شعوري سڏرائيندڙ ليکڪ توڙي اديب ويٺا آهن جيڪي وڏين بنگلن توڙي گاڏين کان ٻاهر اچڻ کان علاوه ئي سنڌ جي هاڻوڪي حالتن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندا رهندا آهن، ٽڌن ڪمرن ۾ ويهي ڪري مزدورن جي سورن جون آکاڻيون لکندا آهن، پيٽ ڀري ڪري پيٽ بکين ماڻهن جا درد قلم بند ڪندا آهن، ڀلا اهڙن اديبن ۽ شاعرن جي هن قوم کي ڪهڙي ضرورت آهي، سندن هجڻ يا نه هجڻ جو اسان توهان تي ڪهڙو فرق پوي ٿو.

اسان جي سماج جو بهترين جوڙجڪ تڏهن ئي ٿي سگهي ٿي جڏهن هر اهل علم، باشعور فرد پنهنجي فطري صلاحيتن کي پنهنجي ڌرتي جي ڀلي جي خاطر قطب آڻي، جڏهن اسان توهان جون فطري صلاحيتون پنهنجي ڌرتي جي ڪم اينديون تڏهن ئي بهترين سماج جي اڏاوت ٿي سگهي ٿي.

روزاني هلال پاڪستان، ڪراچي

21 مئي 2018

جڏهن ڪنهن به محفل ۾ ڳالهه نڪري ٿي ڪتاب پڙهڻ جي ته يڪدم اسان جو سڄي جو سڄو سارو خيال، سڄو فڪر، سڄي سوچ ان ڳالهه ڪندڙ فرد ڏانهن مرڪوز ٿي وڃي ٿي جيڪو فرد ڪتاب پڙهڻ جي ڳالهه ڪري ٿو، ڪتابن سان لڳاءُ رکڻ بلڪل ائين آهي جئين ڪنهن شئي جو عادي ٿي وڃڻ، قدرت واري انسان ۾ بنيادي طور سکڻ ۽ سيکارڻ جو ٻئي مهارتون ترتيب ڏنيون آهن، هر هڪ انسان ۾ هر وقت ڪجهه نه ڪجهه سکڻ جو جذبو موجود هوندو آهي وري ان سکيل ڪم کي ٻي کي سيکارڻ واري صلاحيت به موجود هوندي آهي.

اوهان پوري دنيا جي اندر رهندڙ ماڻهن جو مشاهدو ڪري ڏسو، پلي پوءُ اُهي مرد هجن، چاهي عورت، ٻاهرين ملڪن ۾ جديد ٽيڪنالاجي جي هوندي سوندي به اُتان جا ماڻهو ڪتابن جي مطالعي ڪرڻ جا ٻي حد شوقين آهن، تقريبن هر هڪ فرد جي گهر ۾ ننڍڙي لائبريري قائم ٿيل هوندي آهي، جنهن ۾ اهو فرد واندڪائي واري وقت ۾ ڪجهه پڙهي وٺندو آهي، اهڙي طرح دنيا جي جديد ٿيڻ سان سندن ڪتابن پڙهڻ واري عادت ۾ گهٽتائي اچڻ بدران، واڌ ٿي آهي، جيتوڻيڪ ٽيڪنالاجي تمام ٿوري عرصي ۾ دنيا کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي چڪو آهي پر ان جي باوجود ڪتابن سان سينو سهائي نه سگهيو آهي.

ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ڏاهپ ۾ واڌارو هميشہ مطالعو ڪرڻ سان ايندو آهي، مطالعي ڪرڻ سان شين جي مختلف پهلوئن جي خبر پوندي آهي، ڪتابن وسيلي ڪار آمد حڪمت عمليون توڙي تجويزيون هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ تائين سفر ڪنديون آهن، ڪتاب پاڻ خاموش هوندي، پنهنجي پڙهندڙ کي چڱي خاصي معلومات فراهم ڪندي آهي، ڪتابن جو عشق منهنجي نظر ۾ سيني عشقن کان اعلي ۽ اتم عشق آهي، هي هڪ اهڙي قسم جو عشق آهي جنهن ۾ محبوب سان ملاقات ڪرڻ جو ڪو به خاص وقت مقرر ناهي ٿيل هوندو، جنهن مهل دل چيو ڪتاب کولي، اکرن کي پسجي، پنهنجي نيڻن کي ٺارجي ۽ ذهن کي فرحت جوڳو بڻائجي.

ٻالڪپڻ واري دور ۾ جنهن وقت عقل توڙي سمجهه ذهن ۾ سلامي پرڻ لڳي ته تنهن مهل ٻين ٻارن وانگر مون رواجي طور راند روند توڙي گهمڻ ڦرڻ کي اوليت نه ڏني، وانڍڪائي واري وقت گهر ۾ موجود ڪتابن واري ڪٻٽ کي کولي ڪري انهي منجهان ڪهاڻين جا ڪتاب پڙهڻ شروع ڪندو هيس، ائين هلي هلي ڪري وري ڪنهن دور ۾ ٻالڪ رسالن ۾ ڪهاڻيون لکي ڪري موڪليندو هيس، ائين ادب جي دنيا سان آءُ ڪجهه عرصي ڪان وٺي ڪري ڳنڍيل رهيس، ادب جي دنيا سان منهنجو ائين جڙيو رهڻ جو جيڪو بنيادي ڪارڻ هو، اُهو هو ڪتابن جو لاڳيتو مطالعو ڪرڻ ۽ انهن منجهان علم جا سُرڪ پيئڻ.

مطالعي ڪرڻ سان فڪر جا نوا گس ملندا آهن، سوچڻ لاءِ نوا عنوان ملندا آهن، ڪچهرين ۾ بحث ڪرڻ لاءِ نوا سبب ملندا آهن، ڪتاب اسان کي وقت جي انهن وهڪرن جو احول ڏيندا آهن، جيڪي وهڪرا اسان توهان کونه ڏٺا هوندا آهن، انهن انمول گهڙيون به اسان سان حالي احوالي ٿيندا رهندا آهن جيڪي گهڙيون تاريخ کي جوڙيندي گذريون آهن، اسان ڪتابن وسيلي انهن امر، توڙي انقلابي ڪردارن جي جدوجهد بابت پڻ ڄاڻ حاصل ڪندا آهيون، جيڪي انقلابي اڳواڻ اسان توهان کان ڪي ئي ورهيه اڳ موڪلائي ويا آهن، اسان انهن ماڳن ۽ وٿاڻن بابت پڻ ڪتابن ۾ پڙهندا آهيون جن وٿاڻن ۽ وستين کي آباد هوندي اسان ناهي ڏٺو، جهڙوڪ موئن جو دڙو، هڙاپا، ٽيڪسيلا وغيره.

ڪتاب ڪنهن نه ڪنهن نموني اسان جي زندگي سان جڙيل رهن ٿا، اسان جون سُوچون ڪتابن ۾ سڏڪنديون آهن، اسان جا ارمان ڪتابن ۾ لفظن جو روپ ڌاري ڪري گم ٿي ويندا آهن، اسان جا احساس زماني جي ٻي رخين جو تاب نه سهندي ڪتابن جي ورقن ۾ اچي پناه حاصل ڪندا آهن، پيار جا انيڪ وچن، واعدا، قول توڙي قرار ڪتابن جي ذينت ٻڻجي ڪري دنيا آڏو پڙهڻ لاءِ ميسر ٿيندا آهن، ڪتاب خاموشين جا تاڪ پڃي ڇڏيندا آهن، ڪتاب اندر جي اولڙن کي پڌرو ڪري ڇڏيندا آهن، ڪتابن سان لڳاءُ شعور جي علامت آهي، ڪتاب پڙهندڙ فرد شعوري فردن جي فهرست ۾ ڳڻيو ويندو آهي.

جيڪي فرد ڪتابن جو مطالعو ڪندڙ هوندا آهن، انهن جو ذهن هميشہ چست رهندو آهي، سندن دماغ ۾ هر روز انيڪ خيال پرواز ڪندا رهندا آهن، سندن ذهن ۾ نت نوا خيال توڙي تخليقي ڪم اُسرندا رهندا آهن، ڪتابن جو قدر هن مهل مغرب جي ملڪن ۾ ساڳي ريت برقرار آهي، ان جي بنسبت اسان جي سنڌ ۾ به هن مهل ڪتاب پڙهڻ جو رهجان به ڪنهن قدر موجود آهن، هر روز نت نوا ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچن پيا ۽ ان کان علاوه نئي ٿهي جا نوجوان به قومي، انقلابي توڙي پيار محبت جا ڪتاب به انيڪ تعداد ۾ پڙهن پيا، منهنجو ڪجهه عرصو پهريان سنڌ يونيورسٽي ۽ سکر آي بي يونيورسٽي وڃڻ ٿيو هيو اُتي به مون اُتان جي شاگردن طرفان ڪتاب پڙهڻ جو سنو رهجان ڏٺو، جتي مون سان اُتان جي ڪافي دوستن مختلف ڪتابن بابت پنهنجا قيمتي رايا بحث ڪيا ۽ انهن منجهان پرايل سبق تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

روزاني هلال پاڪستان، ڪراچي

12 مئي 2018

## خوشحال سنڌ جو خواب

سنڌ ڌرتي جو هر هڪ حلالي پٽ، سنڌ ڌرتي کي خوشحال توڙي سر و سبز ڏسڻ جو خواهشمند آهي، اسان توهان مان ڪوئي به اهو هرگز نه چاهيندو ته سنڌ ڌرتي تي اجا تائين، پيري مريدي توڙي پوتارڪي نظام تحت يلغار جاري رهي، هاڻ گهڻو تي چڪو آهي، گهڻيون ئي ستم ظرفيون ۽ بي ڏيانيون برداشت ڪيوسين، هاڻ متحد ٿيڻ جو وقت اچي چڪو آهي.

وقت جي پڻ اها تقاضا آهي ته هن وقت نئي قيادت کي سامهون آڻجي، اُن سياسي پليٽ فارم جو ساٿ ڏيڻ گهرجي جنهن جو ماضي بي داغ هجي، جنهن وٽ ڌرتي توڙي ڌرتي ڌڻين جو درد هجي، جنهن کي پنهنجي ڌرتي سان بي پناه محبت هجي، جنهن کي ڌرتي جو فڪر هجي، جنهن وٽ پنهنجي سوچ فڪر کان وڌيڪ ڌرتي ڌڻين جو فڪر گڏ هجي

حالتن جو جائزو ونجي ٿو ته اهو معلوم تي ٿو ته هن وقت تائين سنڌ ۾ موجود هر هڪ سياسي پارٽي سنڌ تي حڪومت ڪئي آهي، هر ڪو اقتدار ڏٽي بٽيو آهي، مگر ڪنهن به سياسي پارٽي عوام جي مفادن لاءِ ايترو ڪم ناهي ڪيو جيترو ڪين ڪرڻ ڪپندو هو، هر هڪ پارٽي صرف جو صرف پاڻ کي اڳتي آڻڻ واري ڊوڙ جي ڪري سنڌ ڌرتي جي بنيادي حقن توڙي سندن هر هڪ فرد جي بنيادي حقن کان ڪناره ڪشي ڪئي آهي

جنهن سبب هر حالتن توڙي واقعاتن جي پذير ٿيڻ مهل جيڪا پوڳنا پوڳڻ نصيب تي آهي سو اُها پوڳنا صرف هتان جي عوام کي ئي پوڳڻ لاءِ مليو آهي، سندن ووٽن جي عيوض سندن اميدن توڙي خوابن جا جنازا ڪڍيا ويا، ڪڏهن ڪين چولا ڪپائڻ واري تجويز ڏني وئي ته ڪڏهن وري ڪين سندن نهايت ئي اهم جز ووٽ خلاف اهو چئي تذليل ڪيو ويو ته " آءُ ووٽ تي پيشاب ڪندو آهيان.

جمهوريت جو اهو ڍنگ ۽ ويس پائي ڪري هتان جي عوام جي جذبن کي هميشہ مختلف نمونن سان نيس پهچايو ويو آهي، ڪين اهميت ڏيڻ بجاءِ پاڻ کان ڪوه ڏور پري ڪيو ويو آهي، جنهن سبب هن وقت سنڌ جي عوام ۾ انتهائي اهم قسم جو مونجهارو ڇانيل آهي، سنڌ جو هر فرد هڪ نئي سياسي پليٽ فارم ۽ متبادل کي تلاشي رهي هئي جنهن وسيلي اهو فرد پنهنجي سياسي قبلن کان جمهوري طرح سان بدلو وني سگهن ها.

سنڌ ڌرتي جي هر هڪ فرد جي اها ويڳاڻپ واري حالت ڏسي ڪري شايد قدرت واري کي سنڌن تقدير سنوارڻ واري سَتَ سُهجي، ان سنڌ ڌرتي جي تقدير بدلائڻ خاطر هتان جي عوام کي" تبديلي پسند پارٽي" جي نالي سان ڪين متبادل فراهم ڪيو، هاڻ هتان جي عوام کي همٿ پاڻ ڪرڻي آهي.

هاڻ اهو بحث ڪڏهن به نه ٿيندو ته سنڌ جي ماڻهن کي سياسي متبادل ميسر ڪونه آهي، هاڻ سنڌ هڪ نئي راهه تي گامزن ٿيندي، جتان سنڌن خوشحالي جي سفر جو آغاز ٿيندو، ڇو ته هاڻ هتان جو هر فرد پنهنجي ڌرتي کي سر سبز ۽ خوشحال ڏسڻ جو خواهش مند آهي، اسان جو سماج ڏکهو عرصو عليل رهيو آهي.

اسان جي عظيم ۽ شاهوڪار ڌرتي جي هر هڪ فرد کي مختلف طور ۽ طريقن سان مسئلن ۾ جڪڙي ڪري سنڌن سوچڻ واري سگهه کي يرغمال ڪري رکيو ويو هو، پر هاڻ هر وستي، هر وٿاڻ توڙي هر شهر ۽ ڳوٺ جو فرد معاشري ۾ تبديلي جو خواهش مند آهي، ڇو ته گهڻو ٿي چڪو آهي، گهڻا ئي آسرا ۽ ڏنا ملي چڪا آهن، گهڻا واعده ۽ وچن هن قوم سان ڪيا ويا آهن پر وري ٿيو ائين آهي جو اُهي واعده ۽ وچن وفا ناهن ٿيا پر انهن جي برعڪس انهن واعدن ۽ وچنن جي عيوض هتان جي عوام کي نئي پوڳنا نصيب ٿي آهي.

سنڌ کان علاوه پاڪستان جي ٻي ڪنهن به ٻي صوبي ۾ عوام کي ايتري دربدري ۽ ويڳاڻپ ناهي نصيب ٿي جيتري اسان جي شاهوڪار سنڌ ڌرتي جي فردن کي نصيب ٿي آهي، ڪين هر طرح سان اڪيلو ڪيو ويو، ڪڏهن ڪين قبيلائي جهيڙن ۾ جڪڙي ڪري رکيو ويو ته وري ڪڏهن ڪين ذاتي مفادن جي ڄار ۾ ڦاسائي ڪري سنڌن قومي مفادن جو جنازو ڪڍيو ويو آهي.

پر تاريخ شاهد آهي ته جڏهن به ڪنهن قوم پاڻ ۾ ايڪو ڪري، هڪ ٿي ڪري ڪنهن فرعوني طاقت خلاف جنگ جوٽڻ جي ڪوشش آهي ته وقت انهن جي ٻڌي اڳيان ڳوڏا

ڪوڙي ڪري ڪين فتح جي تاج سان نوازيندي رهي آهي، دنيا ۾ اهڙا ڪوڙا سارا مثال ملن ٿا.

روزاني هلال پاڪستان، ڪراچي

6 مئي 2018

مزدور جو درد مزدور ئي سمجهي سگهي ٿو

لفظ مزدور ڪي جڏهن سوچجي ٿو ته ان مهل يڪ دم ذهن جي اندر هڪ اهڙن فردن جو عڪس جڙي اچي ٿو، جيڪي پنهنجي ڪڙم ڪٽنب، قبيلي توڙي گهر ٻار ڪان ڪٽجي ڪري پيٽ گذر لاءِ پرديس جا در وجي ڪڙڪائن ٿا. انهن منجهه ڪجهه فرد پرديس ڪي پنهنجو ازلي گهر سمجهي اتي ئي سڪونيت اختيار ڪن ٿا ته وري ڪن ڪي گهر جي اُڪير لڳي ٿي، ڳوٺ جون ڳالهيون ياد اچڻ لڳن ٿيون، مٽ مائٽن جي سڪ لڳڻ شروع ٿئي ٿي، ۽ اهڙي ريت ماني جي ٻن وقتن لاءِ پوري ڏينهن جي روشني سان جنگ لڙن ٿا تڏهن ئي وڃي ڪري ڪين ڪائڻ لاءِ ڪي ٻه گرهه نصيب ٿين ٿا.

اڄ پوري دنيا ۾ پهرين مئي ڪي مزدورن جو عالمي ڏينهن ڪري ملهايو ويندو، مزدور طبقو، هڪ اهڙو طبقو آهي جيڪو پوري دنيا جي ڪار وهنوار ڪي هلائڻ جو هڪ اهم سبب آهي، مزدورن جي محنت سان ئي اسان توهان سڀ فرد روز مره جي مختلف شين ڪي نهيل ٺُڪَيل حالت ۾ خريد ڪري استعمال ڪندا آهيون، اڄوڪو ڏينهن شڪاگو جي انهن مزدورن جي ياد جي نسبت سان ملهايو ويندو آهي جن پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ وقت جي فرعونن سان منهن مهاڏو اٽڪايو هو.

جيتوڻيڪ ڪنهن به عنوان سان پوري سال جي اندر هڪ ڏينهن ڪي مخصوص ڪري ملهائڻ ڪنهن قدر نيڪ عمل آهي، پر ان جي برعڪس اگر جي جنهن ڏينهن ڪي ملهايو وڃي ٿو ان ڏينهن جي مناسبت ڪي ڏسندي ان سان منصوب ٿيل فردن جي ظاهري حالت ڪي غور ۽ فڪر ۾ آڻيندي انهن فردن جي بهتري لاءِ ڪي ڪارگر حڪمت عمليون جوڙجن ته اهو وڌيڪ بهتر ۽ مناسب رهندو، مزدور سان صرف اظهار يڪجهتي نه ڪجي پر سندن دردن ۽ سورن جي حل لاءِ به ڪي رستا ڳولجن، سندن معاشي زندگي ڪي بهتر بنائڻ لاءِ منصوبا جوڙجن، تڏهن ئي وڃي ڪري ڪين ڪا چڱائي نصيب ٿيندي مزدور طبقو اڄ تائين پنهنجي پگهر جو نظرانو ڏئي ڪري مختلف شين ڪي پايا تڪميل تائين پهچائيندو رهيو آهي، اسان جي زندگي سان جڙيل هر هڪ شئي ڪي مزدور طبقو ئي ترتيب ڏئي ڪري استعمال جي قابل بڻائيندو آهي ۽ وري اسان انهن ڪي صرف چند

پئسہ ڏئي ڪري سندن محنتن جو ازالو ڪندا آهيون جيڪو سراسر نا انصافي آهي، انهن ڪي اسان جو همدرديون به گهربل هونديون آهن، انهن ڪي اسان طرفان آڇيل قرب جا ٻه ٻول به گهربل هوندا آهن، ڇو ته مزدور طبقي جو هر هڪ فرد اسان توهان وانگر هڪ عام انسان ئي هوندو آهي ان لاءِ انهن وٽ به اُهي ئي ساڳيا جذبا توڙي محسوسات هوندا آهن جيڪي جذبا ۽ محسوسات اسان توهان پاڻ محسوس ڪريون ٿا.

مزدورن جا ڏک هن ڏيهہ جي سمجهڻ کان وڌيڪ آهن، دنيا جي وجود ٿيڻ کان وٺي ڪري اڄ تائين مزدور طبقو سان خاطر خواه انصاف نه ٿي سگهيو آهي، ڪڏهن کين پنهنجو غلام سمجهي ڪري نه ڄاڻ الاءِ ڪيتري حد تائين لوڙايو ويو آهي ته وري ڪڏهن سندن اجوري کي هڙپ ڪري کين جسماني توڙي روحاني طرح رنجهہ پهچايو ويو آهي، مزدور طبقي سان وڏا هاجا ٿيا آهن، انيڪ ويساه گهاتيون ٿيون آهن.

اڄوڪو هي ڏينهن ڪنهن به حساب سان سندن دردن کي گهٽ ڪرڻ جو سبب بڻجي نه سگهندو، هي ڏينهن به ٻين ڏينهن وانگر گزري ڪري پنهنجي اختتام تي پهچندو، مزدور طبقي جو حقيقي درد صرف هڪ مزدور ئي سمجهي سگهي ٿو، مزدورن جي سوچ ۽ ويچار ۾ پنهنجي حالت کي بدلائڻ جو فڪر شايد هڪ پل لاءِ به اجاگر نه ٿو ٿئي تنهن جي ڪري ئي مزدور روز ازل کان وٺي ڪري اڄ تائين مزدور ئي رهيو آهي توهان جڏهن ڪنهن مزدور جي زندگي جو مشاهدو ڪندئو ته توهان کي سندس زندگي مڪمل طور تڪيلفن ۽ اذيتن سان ڀريل محسوس ٿيندي، اوهان کي مزدور جو اندر به اڌ ٿيل محسوس ٿيندو، اوهان کي سندس خواهشون اڌوريون نظر اينديون، اوهان کي سندس هٿ زخمي ٿيل نظر ايندا، اوهان کي سندس زندگي ڪنهن ٿڪل مسافر جي حالت جهڙي لڳڻ لڳندي.

مزدورن جو اڄ ڏينهن تائين استحصال ٿيندو رهيو آهي، کين صرف هڪ ڪم ايندڙ جز سمجهي ڪري وقت آهر استعمال ڪيو ويو آهي، وڏي ڳالهہ ته اِها آهي جو جمهوريت جا

دعويدار هن ملڪ جا سياستدان به مزدور لاءِ ڪو ڪارگر منصوبو اڄ ڏينهن تائين جوڙي نه سگهيا آهن سواءِ هن ڏينهن تي موڪل ڪرڻ جي، هن ڏينهن تي موڪل جو اعلان ڪري مڙئي حڪومتي باشنده مزدورن سان اظهار يڪجهتي جو ڍونگ ڪندا رهندا آهن،

رياست جيڪا والدين مثل هوندي آهي، اگر اُها ئي رياست پنهنجي مسڪين ماروئڙن ڪي وساري ويهي ڪين دردن جي دبڙ ۾ ڦاسائي ڇڏي، ته پوءِ پلا ڪنهن در دانهه ڏجي، مزدور جن ڪي سنڌي ۾ ڪڙمي به چئجي ٿو، اُهي ڪڙمي ويچارا ٽاڪ منجهند جو پنهنجي ٻارن ٻچن سميت زمينن، فيڪٽرين توڙي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندا آهن، سندن ان محنت جي عيوض مختلف شيون ايجاد واري مرحلي مان گذري ڪري پايا تڪميل تائين پهچن ٿيون، سندن سموري زندگي مختلف شين کي ترتيب ڏيڻ ۾ گذري وڃي ٿي، اڃا به ائين ڪٽي چئجي ته ٻين شين کي ترتيب ڏيندي ڏيندي سندن زندگي بي ترتيب ٿي وڃي ٿي.

مزدور طبقو هن مهل سڀ کان وڏيڪ احساس ڪمتري جو شڪار آهي، معاشري جي ٻين فردن جي ڀيٽ ۾ مزدور کي اڄ به هڪ وقت جي ماني ڪائڻ کان پوءِ ٻي وقت جي ماني لاءِ جاکوڙ ڪرڻي پوي ٿي، مزدور جو ٻار، معاشري جي ٻين ٻارن وانگر پنهنجي والدين سان رانديڪن لاءِ انگل ڪرڻ کان عاري آهي، ڪيس اهو حق ڪنهن به قيمت تي حاصل نه آهي ته هو پنهنجي والدين اڳيان ڪي فرمائشون يا حڪم صادر ڪري سگهي

ڇا اسان ۽ توهان مزدورن سان اظهار عقيدت طور هڪ ڏينهن ملهائي ڪري سندن دردن جو درمان ڪري سگهو ٿا، ڇا اسان ۽ توهان مزدورن جو هڪ ڏينهن ملهائي ڪري سندن زندگي کي خوشحال بڻائي سگهون ٿا، ڇا اسان ۽ توهان مزدورن جو هڪ مخصوص ڏينهن ملهائي ڪري سندن زندگين کي پيڙاهه مان ڪڍي سگهون ٿا، ڇا اسان ۽ توهان مزدورن جو هڪ ڏينهن ملهائي ڪري ساڻس انصاف ڪري سگهون ٿا.

اڄو ته مزدورن کي پنهنجو پاڻُ سمجهي ڪري، سندن بهتري لاءِ ڪي ڪارگر حڪمت عمليون جوڙيون، سندن ٻارن ٻچن کي تعليم جي زيور سان آرائسته ڪريون، سندن معاشي حالت کي بهتر بنائڻ لاءِ انهن کي روزگار جا بهترين موقعا ميسر ڪريون، چو ته

هن ڌرتي جو هر هڪ فرد بنيادي طور پاڻ به مزدور آهي ان لاءِ هڪ مزدور جي درد کي هڪ مزدور ئي سمجهي سگهي ٿو.

روزاني هلال پاڪستان، ڪراچي

1 مئي 2018

## واڄٽ ڪن وڏجار

مزاحمت ڪجي يا وري نئي حڪمت عملي جوڙجي، مسئلن تي ڳالهائجي يا ان جي برعڪس سندن حل تلاش ڪيا وڃن، توهان ڇا ٿا سمجهو، هن اڄڪلهه واري صورت حال تي ٺيڪا ٺپڙي ڪجي يا وري تجويزون ۽ صلاحون پيش ڪجن، جن تي عمل پيرا ٿي ڪري من ڪا ڀلائي نصيب ٿي هن درد وندي ديس جي ماروئڙن کي.

اسان وٽ هر ماڻهو اديب، هر ماڻهو ليکڪ، هر ماڻهو شاعر، هر ماڻهو شعوري فرد، پر پوءِ به مسئلا حل ٿيڻ جي بجاءِ وڌندا ٿا وڃن، ڪڏهن سوچيو اٿئو، اصل سبب ڇا آهي، بنيادي ڪارڻ ڇا آهي، آخر ائين ڇو آهي، مسئلن جا نوا رڪاوٽ هر روز ڇو قائم ٿيندا ٿا وڃن.

ڪير سوچي، ڪير لوچي هن قوم لاءِ، هن قوم کان ته سوچڻ واري سگهه به کسي وئي آهي، سندن ذهنن کي مفلوج بڻائي ڪري ڪين صدين تائين غلامي واري طوق ۾ بند ڪري رکيو ويو آهي، آخر ڪين سوچڻ به ڇو ڏنو وڃي، ڪهڙا ڪم يا منصوبا سندن منشا مطابق طئي ڪيا وڃن ٿا جو ڪين اهميت ڏني وڃي.

بادشاهي برقرار رهي، ڏاڍ جبر توڙي هڪ هٽي پائده باد رهي، عوام جي لاءِ حد اِها مقرر ٿيل آهي جو ڪين وقت آهر استعمال ڪري اليڪشن مهل وڏا واڪا ڪرائبا، جلسا جلوس ڪرائبا، ڪين پولنگ اسٽيشنن ۾ هڪ ٻي سان گرما گرمي ڪرائي مڙئي ميلو متل رکبو، هنن کان وقت آهر ڪم وٺبو ۽ پوءِ بس فل اسٽاپ تي بريڪ هڻبي، وري نئي اليڪشن تائين ڪين منهن نه ڏيکاربو.

معاشري جي هر هڪ فرد کي زندگي گهارڻ لاءِ بنيادي طور تي ٽه مکيه سهولتون گهربل هونديون آهن، نمبر پهريو معياري تعليم، نمبر ٻيو سٺي صحت، نمبر ٽيون انصاف، هاڻ اگر جي پنهنجي جوڙيل هن سنسار طرف نظر ڪجي ٿو ته اهي ٽئي بنيادي سهولتون اسان کي عام ماڻهو جي پهچ کان ڪوهه ڏور ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

تعليم جو ٻيڙو ٻوڙي ڪري اسان کي جهالت جي طرف ڌڪيو ٿو وڃي، نئي نسل کي محنت ڪرڻ بجاءِ ڪاپي ڪلچر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ڪري سندن مستقبل کي داءَ تي لڳايو ٿو وڃي، نوجوانن جي اندر ۾ پلجندڙ فني صلاحيتن کي اجاگر ٿيڻ کان پهريان ئي دفن ڪيو ٿو وڃي، سندن سنهري مستقبل جي خوابن کي تڪميل تائين پهچڻ کان پهريان ئي تباه و برباد ڪيو ٿو وڃي.

ان کان علاوه هر هڪ فرد کي ڪنهن بيماري جي لاحق ٿيڻ مهل سندس نصيب ۾ خانگي اسپتالن جو رخ ڪرايو ٿو وڃي، پلا هر ڪنهن فرد جي وس ۾ اهو ته ممڪن ناهي جو اهو خانگي اسپتالن جو رخ ڪري ۽ اتان ڪجھ ڏوڪڙن جي عيوض پنهنجي لاءِ صحت آبي خريد ڪري سگهي، اسان وٽ هر فرد سرندي وارو ته ناهي نه، اسان جي ارد گرد ڪجھ مسڪين ۽ ابوجھ به ته رهن ٿا.

وري اگر جي قانون ۽ انصاف جي حاصلات تي غور ۽ فڪر ڪجي ٿو ته اهو معلوم ٿي ٿو ته انهن پنڌن ۽ چڪرن ۾ ڪي ئي خاندان حاضرويون ڪائي ڪري راه رباني وٺي چڪا آهن، هتي ترت انصاف اڻ لڀ آهي، ننڍي ۾ ننڍي نوعيت جي ڪيس کي اڪلڻ ۾ ڪافي سارا ڏينهن لڳيو ٿا وڃن جنهن سبب انهن فردن جي ذاتي زندگي ڪنهن حد تائين تنگ دستي واري گذري ٿي، انصاف ملڻ جي اميد ۾ گهر جو الھ تلھ وڪڻي ڪري پٽ تي ايندڙ ڪوڙ سارا خاندان اسان توهان جي سامهون مثال طور موجود آهن.

هر ادارو، هر شعبو ڪرپشن جي لپيٽ ۾ آهي، مهارتن کي اجاگر ڪرڻ وارا ادارا بي مهارتا فردن جي هٿ وس آهن، جيڪي پنهنجا نوازي واري رسم جي پالنا ڪندي، نا اهل ۽ نا ڪاره فردن کي به ادارن جا واڳ ڏٽي بڻائي ڪري اسان توهان جي مستقبل سان هٿ چراند ڪن ٿا، هر ڪرپٽ ۽ مها چور فرد کي ٽڪي جو ڪو فڪر يا خوف نه

آهي، ڪنهن به ڪاموري وٽ هن ڌرتي جي واڳ ڏٽين جي روشن مستقبل جوڙڻ جي ڪا به حڪمت عملي موجود نه آهي، هر ڪو بس صرف پاڻ چمڪائڻ جي چڪر ۾ آهي.

هر تڪليف، هر پوڙنا، هر اهنج توڙي سهج صرف جو صرف هتان جي عوام جي نصيب ۾ لڪيل آهي، چند ڏوڪڙن عيوض عزتون پائمال ٿين ٿيون، شريف ماڻهن جي عزت نفس کي ڇهيو رسايو وڃي ٿو، هر اهل ۽ قابل ماڻهو کي هيڏي هوڏي دربدر ڪري ڪيس نفسياتي طور انتهائي اذيت ۾ مبتلا ڪيو ٿو وڃي، نئي نسل کي اڳتي آڻڻ بجاءِ ڪين آواره ۽ ڇڙواڳ ڇڏي ڪري ڪين آوارگي جو درس ڏنو ٿو وڃي، پوءِ وري ٿيٽو ڇا آهي، نسلن جا نسل تباه، مستقبلن جا مستقبل تباه، شهر تباه، ڳوٺ تباه، هر وستي توڙي واهڻ تباه، پنهنجي ديس ۾ ويني هر فرد ويڳاڻو ۽ دربدر، هن هيڏي ساري حال جو ڪنهن سان حال اورجي، ڪنهن در دانهن ڏجي، ڪنهن کي پنهنجو همدرد سمجهي سور سلجن، بس خاموش لڙڪن سان هن ڌرتي جو هر فرد جهنگ جوڙيو وينو آهي.

هن هيڏي ساري لاتعلقي جي هوندي به اگر جي هن دفعي اسان توهان ايندڙ اليڪشن ۾ ترت ۽ لائياتا فيصلا نه ڪيا ۽ وري انهن ئي ساڳين ڇهرن کي ڪامياب ڪرائي ايوانن تائين پهچايو ته پوءِ پڪ ڄاڻو سنڌ پوري هڪ صدي تائين دنيا جي پيٽ ۾ پوئتي هلي ويندي، هاڻي واري اليڪشن اسان توهان کي آخري موقعو آهي جنهن ۾ اسان پنهنجي تقدير جو فيصلو پنهنجي مرضي مطابق ڪري سگهون ٿا، ڇو ته تاريخ ڪڏهن به ڪنهن به قيمت تي ڪنهن کي بخش ناهي ڪندي، اگر جي هن دفعي به اسان سست روي توڙي ٿڏائپ کان ڪم ورتو ته پوءِ اسين تاريخ جا گنهگار ٿي پونداسين، پنهنجي ايندڙ نسل جا گنهگار ٿي پونداسين، اسان کي پنهنجي صفائي ۾ ڪجهه به پيش ڪرڻ لاءِ باقي نه بچندو، ان لاءِ اڄو ته وڇار ٻڌجي ڪري واجڻ ڪريون.

روزاني هلال پاڪستان، ڪراچي

29 اپريل 2018

## باشعور ۽ لاشعور فردن ۾ فرق

اسان جي معاشري ۾ عمومن طور تي علم، عقل توڙي ڏاهپ جي جاءِ تي لفظ باشعور ۽ لاشعور ڪي استعمال ڪيو ويندو آهي، پڙهيل لکيل فردن ڏانهن باشعور لفظ ۽ اڻ پڙهيل حضرات ڏانهن لفظ لاشعور ڪي منسوب ڪيو ويندو آهي، جنهن مان اهو تاثر جٺو پيدا ٿيندو آهي ته اڻ پڙهيل فرد ڪڏهن به ڪنهن به صورت ۾ باشعور نه ٿو ٿي سگهي ۽ وري پڙهيل لکيل فرد هر حالتن توڙي صورتن ۾ باشعور ئي آهي ۽ رهندو حالانڪ، ائين قطعي ڪو نه آهي، لفظ شعور ڪي اگر جي سولن ۽ سادن لفظن ۾ بيان ڪجي ته پوءِ ائين ڪٿي چئي سگهجي ٿو ته” هر هڪ بري ڀلي عمل جي تميز توڙي سڃاڻ ڪرڻ ۽ پنهنجي جائز حقن جي ڄاڻ توڙي پرک رکڻ ڪي شعور چئي سگهجي ٿو“، ان ڪان علاوه شعور جون ٻيون به ڪافي ساريون وصفون آهن.

شعوري فرد بڻجڻ لاءِ تعليم هڪ بهترين توڙي بنيادي ڏاڪو آهي ڇو ته تعليم سان فرد ڪي مخلتف جڳهن، ملڪن، شهرن توڙي قومن جي رهڻي ڪهڻي توڙي حالتن جي سُڌ پوي ٿي جنهن جي آڌار تي اهو فرد ان قوم، شهر يا ملڪ بابت ڪا به راءِ جوڙي سگهي ٿو.

وري ان جي برعڪس ڪنهن فرد جي لاشعور هجڻ لاءِ اهي حدون مقرر ڪرڻ به ڪنهن حساب سان بهتر نه آهن، شعور عمومن طور تي ماڻهو جي پنهنجي زندگي جي جاگوڙ واري حالتن مان پيدا ٿيندو آهي، ڪافي فرد بنا الف، ب، پڙهيل هوندي ملڪ توڙي ٻاهرين ملڪن بابت چڱي خاصي معلومات رکندا آهن، اهڙا عمل سندن مشغلا هوندا آهن پڙهيل لکيل فردن مان وري اگر جي ڪو فرد حالات حاضره ڪان بخوبي واقف به هجي، سندس عملي ڪردار جي ڪنهن تائين هن معاشري ڪي گهرج به هجي پر ان جي برعڪس هو صرف پنهنجي ذاتي زندگي گذارڻ ۾ مصروف عمل هجي ۽ صرف جو صرف پنهنجي ذات تائين محدود هجي ته ڇا ان ڪان وڌيک ڪو ٻيو ڀلا لاشعور چئبو، اهڙي فرد ڪي ڪهڙن اصولن ۽ ضابطن تحت اسان توهان شعوري فردن جي ڳاڻاٽي ۾ ڳڻيندااسين.

اهڙا ڪافي سارا فرد اسان جي معاشري ۾ موجود آهن، هي پڙهيل لکيل فردن جو هڪ اهڙو گروهه آهي جيڪي هميشه پاڻ ڪجهه ڪرڻ بجاءِ ٻين جي ڪلهن تي بندوق رکي ڪري هلائڻ واري اميد تحت زندگي بصر ڪري رهيا آهن، ان مزاج جي اعلي صفت انسانن ڪي هر مفاد، هر سهوليت، هر وسيلو صرف جو صرف پنهنجي قطب آٽڻ جو فڪر هوندو آهي.

سندن ان ذاتي خواهشن واري ڄار ڪين ايترو ته سوگهو ڪري رکيو آهي جو ڪين پنهنجي قوم جي انهن مسڪين فردن جي هڪ پل به ياد نه ٿي اچي جيڪي ويچارا ڦهر واري گرمي ۾ سڄو ڏينهن تتل اس هيٺيان مزدوري ڪن ٿا، ڪين هڪ پل لاءِ به انهن بي پهچ، غريب توڙي لاوارث فردن جا چهرا ياد نه ٿا اچن جيڪي ويچارا پنهنجي مريض ماءُ، پيءُ يا ڀيڻ ڪي اسپتالن جي درن تي ويهي ڪري علاج جو منتظر هجن ٿا.

اهڙا شعوري فرد سڏجندڙ معزز مڪمل طرح سان ذاتي خواهشن جي خول ۾ بند ٿيل هوندا آهن، سندن ذاتي زندگي ڪنهن قدر عام ماڻهن جي زندگي گذارڻ ڪان بهتر هوندو آهي پر ان جي باوجود سندن مزاج ۾ اجا وڌيڪ، اجا وڌيڪ جو حرص سمايل هوندو آهي جيڪو سندن پڇر مرڻ گهڙي تائين ڪونه ڇڏيندي آهي.

هي ڌرتي پيار، محبت توڙي ڀائي چاري جو چمن رهي آهي، هن ڌرتي جا انمول ۽ ڪارائتا فرد اڄ تائين اُهي ئي ليکيا ويا آهن جن پنهنجو هر وسيلو توڙي واهڻ هن ڌرتي جي ڀلي خاطر استعمال ڪيو آهي، هن ڌرتي سان نفسياتي طور ان شعوري ۽ لاشعوري جي جيڪا ڪيڏ ڪيڏي وئي آهي، اُها ڪيڏ تمام جلد ختم ٿيندي، شعور جي پوشاڪ پهريل ذهني طور لاشعور ۽ بيمار ذهنيت وارا مدلل تمام جلد ڇٽا ۽ واضع ٿيندا، تاريخ ۾ ڪين ڪين هڪ سٽ جيتري به جاءِ نصيب نه ٿيندي.

هن قوم جي هاڻوڪن حالتن کي مد نظر رکندي هر اهل علم، پڙهيل لکيل توڙي باشعور فرد کي گهرجي ته هو هن ڌرتي جي ڀلي جي خاطر پنهنجو ڪردار ادا ڪري، سندس ڪردار جو هر هڪ پهلو اهو ثابت ڪري ته هو واقعي ۾ ئي شعوري فرد آهي،

سندس من ۾ هتان جي ماروئڙن جي لاءِ حب ۽ اڪير آهي، ڪيس پٽائي جي هن نگري سان بي انتها محبت آهي.

باقي اگر اجا به جي ڪو فرد شعور ۽ لاشعور هجڻ جو فيصلو، پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل واري بنيادن تي ڪري ته پوءَ پڪ سمجهو ته ان فرد کي پاڻ شعور جي ضرورت آهي، اهو فرد پاڻ لاشعوري واري اونداهي جي گهيري ۾ آهي ڪيس اتان ڪڍڻ لاءَ ترت ڪار آمد فيصلا ورتا وڃن ته جئين اسان جي معاشري جو اهو فرد بي سبب پوئتي نه رهجي وڃي .

روزاني هلال پاڪستان

25 **اپريل**2018

## سنڌ جي شعور کي سهڪار جو سڏ

سنڌ جيڪا هزارين سالن کان علم، هنر، ڏاهپ، فن، تهذيب و تمدن سميت جملي خاصيتن جي حامل ۽ هر طرح فطري نعمتن ۽ عظمتن سان ڀرپور ۽ سينگاريل رهي آهي نه صرف ايترو پر فلسفي، نظرين، مهذبن ۽ تهذيبن جي ڏس ۾ سنڌ هميشہ پوري دنيا جي قومن جي رهبري ۽ رهنمائي پڻ ڪئي آهي، هن ڌرتي پنهنجي خمير مان اهڙو عظيم سرجهڻار ۽ مهان سورما پيدا ڪيا جن هڪ طرف پنهنجو لازوال تخليقي ۽ تعميري ڪردار ادا ڪندي سنڌ جي سينڌ کي پئي سنواريو آهي ته ٻئي طرف وري سنڌ جي قومي تشخص جي بقا، حدن ۽ سرحدن جي حفاظت سان گڏ ڌرتي جي چانڊاڻ ۽ مانڊاڻ کي زنده رکڻ لاءِ هميشہ پاڻ پتوڙيو آهي.

هن مهل ضرورت ان ڳالھ جي آهي ته سنڌ اندر خاص طور تي شاگرد طبقي لاءِ ڪو اهڙو ادارو ميسر نه آهي جنهن جي گهمڻ سان ڪين پوري سنڌ جي جهلڪ نظر اچي، جنهن ۾ سنڌ جي عظيم ڪردارن کان وٺي ڪري سنڌ جي وستي توڙي واهڻ جي ڪين معلومات ملي سگهي، ان فقدان کي مد نظر رکندي اسان جي ڪجھ مخصوص مخلص ساٿين ۽ علم، ادب، سنڌي ثقافت، سنڌ ۽ لطيف سان محبت ڪندڙ ساٿين خيرپور ضلعي جي تعلقه سوڀوديري جي قديمي شهر رسول آباد ۾ شاهه لطيف ميوزم ۽ لائبريري نالي هڪ اهڙي اداري کي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، جنهن کي اجرڪ ۽ مختلف ثقافتي رنگن ڊزائين سان سينگاريو ويندو، شاهه لطيف جي بيتن سان سهڻا پورٽريٽ پوري عمارت ۾ لڳائڻ سان گڏ سنڌ جي عظيم شخصيتن جا الڳ الڳ ڪارنر ٺاهي، سندن مجسما، سندن زندگين جا خاڪا، انهن تي ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل ڪتابي شڪل ۾ مواد گڏ ڪري هر هڪ جي ڪارنر ۾ رکيو ويندو.

ان کان علاوه هر هڪ ڪردار سان گڏ موهن جو دڙو، رني ڪوٽ، ڪوٽڏجي جو قلعو ۽ ٻين تاريخي ماڳن بابت ويڊيوز جي صورت ۾ ڊاڪومينٽري ٺاهي ڪري ان کي هر وقت اسڪرين تي هلايو ويندو ته جئين هر ايندڙ ويندڙ فرد توڙي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا شاگرد ان طريقي سان ڀرپور معلومات حاصل ڪري سگهن، ان سان گڏوگڏ هڪ وڏي سينٽرل لائبريري پڻ ترتيب ڏني ويندي جنهن ۾ لطيف، تاريخ، مهذب، سائنس، ادب ۽ ٻين موضوعن تي ڪتاب گڏ ڪري رکيا ويندا ته جئين اُتي مطالعي جا

شوقين پنهنجي علمي اُڃ اُجهائي سگهن، اسڪولن، ڪاليجن توڙي يونيورسٽي جي شاگردن ڪي عمومي طور اُهي جڳهون گهمڻ لاءِ ملنديون آهن جتان ڪين ذري برابر به ڪو تاريخي معلومات ملي نه سگهندو آهي تنهن سبب سندن ٿوئر صرف ڏينهن گذارڻ ڪان علاوه ٻي ڪنهن شئي جو سبب بڻجي نه سگهندي آهي.

سنڌ جي ڳچي ۾ پيل هار جا مٽيا هيرن ۽ موتي مثل آهن جن جي چمڪ ۽ ڏمڪ هڪ ٻي ڪان نرالي ۽ اندلني رنگن سان ڀرپور آهي سنڌ جي معلوم تاريخ جي انهن هيرن ۾ شاهه عبدالطيف ڀٽائي، مخدوم بلاول، صوفي شاهه عنايت شهيد، سچل سرمست، دولهه دريا خان، سورهه بادشاهه، مها راجه ڏاهر، روحل، بيدل، بيڪس، سامي سميت ڪيترائي سنڌي قوم جا مهان انسان ٿي گذريا آهن جن بقا باهمي، اتحاد انساني ۽ ترقي بني آدم واري اصول ۽ آفاقي نظريي جي پاسداري ڪندي پنهنجي تمام عمر گذاري، هاڻ اِها وقت جي تقاضا پڻ آهي ته سندن پيار محبت واري فلسفي توڙي تعليم کي دنيا آڏو مهذب نموني سان پيش ڪجي ته جئين اُن کي ڏسي ڪري پوري دنيا کي اهو يقين اچا پڪو ٿي ته واقعي ئي سنڌ سيني تهذيبن ۽ درسگاهن جي بنياد رهي آهي.

هن اداري کي قائم جو ڪرڻ مقصد اسڪولن، ڪاليجن توڙي يونيورسٽي جي شاگردن لاءِ اهڙو ادارو ٺاهڻ جتي هو گڏيل طور جامع معلومات حاصل ڪري سگهن. سنڌ جي ثقافت، اخلاقي قدرن، خوبصورت ۽ معياري روايات مذهبي رواداري، تصوف ۽ قديم تاريخي ماڳن مڪانن بابت سنڌ جي نوجوانن کي معلومات ميسر ڪري ڏيڻ سان گڏوگڏ سنڌ جي مهان سورمن ۽ عظيم انسانن جي فن، فڪر ۽ جدوجهد ڪان ڪين ڀرپور نموني واقف ڪرڻ جي يقيني ڪوشش ڪرڻ. پڙهيل لکيل شاگردن سان گڏ عام ماڻهون ۽ اڻ پڙهيل لاءِ سنڌ شناسي جو سامان ميسر ڪرڻ ته جن ۾ تصويرون، مجسما، ويڊيوز جي صورت ۾ خاڪا، انٽريوز، ليڪچر پروگرام، تقريرون، ۽ ڊاڪومينٽريون شامل هوندا، سنڌ اندر اهڙو مرڪز قائم ڪرڻ جتي استاد شاگرد، شاعر، اديب، مختلف شعبن ۽ فنون لطيفه سان تعلق رکندڙ ماڻهون گڏ ٿي سگهن ۽ گڏيل تعميري، تخليقي، معلوماتي، ثقافتي ۽ تفريحي پروگرام پڻ منعقد ڪري سگهن. مختلف موضوعن تي تحقيق ڪندڙ شاگردن ۽ اسڪالرن لاءِ سهل ۽ آسانيون پيدا ڪرڻ ته جئين انهن جو تخليقي توڙي

علمي ڪم ۾ ڪنهن به قسم جا ڪا رنڊڪ پيدا نه ٿئي، پٽائي جي هن پون جي ازلي ۽ تاريخي ورثي جي وارثي جو حق اسان سڀ پنهنجو اخلاقي ۽ قومي فرض ڄاڻيندي رضاڪارنه بنيادن تي ادا ڪرڻ چاهيون ٿا ان لاءِ اسان سمجهون ٿا ته اگر گڏيل باهمي تعاون، مستقل مزاجي ۽ سهڪار سان اهڙي اهم قومي فريضي جي ادائگي سرانجام ڏبي ته ان جا نتيجا انتهائي مثبت، غير معمولي، يقيني ۽ ديرپا هوندا، ان لاءِ پوري سنڌ مان اوهان سڀني کي پنهنجي ساٿ سان گڏ ساٿي سمجهندي هن قومي، تاريخي ۽ تعميري ڪم ۾ سهڪاري ٿيڻ جي اميد ڪريون ٿا.

انهن دوستن طرفان ” شاهه لطيف ادبي ۽ ثقافتي فورم“ پڻ جوڙيو ويو آهي جنهن جو مقصد شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ شاگردن جي تعميري، تخليقي ۽ فني صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ آهي ان ڪان علاوه لطيف جي شاعري ۾ موجود فلسفي تي مختلف ميڙاڪن ۾ روشني وڌي ويندي آهي .

روزاني ڪاوش هائيڊ پارڪ 23 سيپٽمبر 2018

## سنڌو دريا جي بقا جي جنگ

سنڌ سان وفاق طرفان ناانصافيون ھاڻوڪيون ناھن انھن جي ھڪ ڊگھي تاريخ آھن، ليڪن ان جي باوجود جھڙي ريت گذريل ڪجھ ڏينھن کان وزيراعظم عمران خان ۽ چيف جسٽس ثاقب نثار پاشاه ڊيم ڪي اڏڻ جا جتن ڪري رھيا آھن، يقينن اھو عمل انتھائي ڏک ڏيندڙ آھي ڇو ته جڏھن پوري صوبي جا ماڻھون ان رٿا ڪي رد ڪري چڪا آھن ۽ سنڌ جو عام ماڻھو به اِھا ڳالھ سمجھي ٿو ته سنڌو دريا تي ڊيم اڏڻ سان سنڌ جو پاڻي اجا گھٽ ٿيندو ۽ سنڌ جو زمينون بنجر ٿينديون، سنڌ ڏڪار طرف ڌڪجي ويندي ۽ عام ماڻھو جو جيئڻ جنجال تي پوندو، سنڌو دريا ۾ پھريان کان ئي پاڻي جي اڻاٺ آھي ۽ پُڇڙي واري علائقن ۾ اڄ ڏينھن تائين پاڻي نٿو پھچي جنھن سبب سنڌ جا مورڪ اجن مرن ٿا.

ليڪن الاءِ ڇو تبديلي جي ڳالھ ڪندڙ وزيراعظم ڪي اِھا ڳالھ سمجھ ۾ ئي نٿي اچي ته سنڌ جا ماڻھو ڪنھن به صورت ۾ سنڌو تي ڪو به ڊيم قبول نه ڪندا ان جي عيوض پوءَ پلي ڪين ڪيتريون ئي تڪليفون ڇونه برداشت ڪرڻيون پون، عمران خان جھڙي ريت ڊيم جي اڏاوت بابت مھم ھلائي رھيو آھي ۽ وري مٿان سنڌ جي ماڻھن سان ويساھ گھاتيون ڪري رھيو آھي تھڙي ريت ٿي سگھي ٿو ته اڳتي ھلي ڪري ڪيس سنڌي قوم مان مڪمل مايوسي نصيب ٿئي، جيتريون سيٽون ھن دفعي واري اليڪشن ۾ ڪٽيون اٿس، ٿي سگھي ٿو ايندڙ اليڪشن ۾ اُھي به نه ڪٽي سگھي ڇو ته ھن وقت سندس اِھي فيصلا سنڌ اندر موجود سندس پارٽي جي ڪارڪن ۽ عھديدارن جي ساک ڪي متاثر ڪن پيا ۽ سندس ھمدردن توڙي ڪارڪن ۾ اضافو ٿيڻ بدران گھٽتائي اچي پئي.

سموري سنڌ جا ماڻھو اجتماعي طور اِن ڊيم جي اڏاوت جي خلاف ھِن وقت حالت احتجاج ۾ آھن، پوري سنڌ اِن رٿا ڪي اجتماعي طور رد ٿي ڪري، قومي تحريڪ جا ڪارڪن، قومپرست پارٽيون، مذھبي پارٽيون، سياسي توڙي سماجي تنظيمون وزيراعظم جي اِن منصوبي جي نفي ٿا ڪن، افسوس سان اِھو لکڻو ٿو پوي جو وزيراعظم پاڪستان جناب عمران خان کان اُھي واعده ۽ اقرا وسري ويا آھن جيڪي اُن حڪومت ۾ اچڻ کان پھريان سنڌي قوم سان ڪيا ھئا، ڪراچي ڪي روشنين جو شھر بنائڻ وارو واعدو، خوشحال سنڌ جي ضمانت وارو واعدو، سنڌ سان يڪجاءِ طور ورتاءُ

ڪرڻ وارو واعدو، مطلب ته ڪانس هر طرح جا قول ۽ اقرار وسري چڪا آهن جن تي اعتبار ڪندي سنڌ جي ماڻهن ڪيس ووٽ ڪيو ۽ سنڌ اندر پاڪستان تحريڪ انصاف ڪجھ سيٽون کٽي ڪامياب ٿي.

هاڻ جڏهن ڳالھ سنڌ جي ماڻهن جي بقا ۽ فنا واري صورتحال اختيار ڪري چڪي آهي تڏهن اهو مجڻ ته رب جي رضا ۾ راضي رهي ڪري ڪيس ديم ناهڻ ڏنو وڃي ۽ اڳتي هلي ڪري پنهنجي ٻچڙن ڪي پنهنجي اکين جي سامهون مفلس، لاچار ۽ بيمار مرندو ڏسجي ان لاءِ بهتر آهي ته هر اُن رٿا، منصوبي، يا حڪمت عملي جو وقت سر مخالفت ڪري پنهنجي ڌرتي ڪي ابدي بقا فراهم ڪجي، سندس سينڌ ڪي ميرو ٿيڻ ڪان بچائجي، سنڌو دريا سنڌ ڌرتي جي خُسانڪين جو وسيلو آهي سنڌو جو سُڪجڻ يا سندس پاڻي ۾ لاٽ اچڻ سنڌ جي ساوڪ ڪي ختم ڪري ڪيس بجر بڻائي ٿي جنهن سبب سنڌ جي خُسناڪي متاثر ٿئي ٿي، ماروئڙن جا تڪليف وڏن ٿا، سندن حياتي گنڀير ڪان گنڀيرتا ڏانهن سفر ڪري ٿي.

ان لاءِ سنڌ اندر پاڪستان تحريڪ انصاف جي هر هڪ ڪارڪن توڙي پارٽي جي عهديدارن ڪي گهرجي ته اُهي معتبرانه طريقي سان پنهنجي وزيراعظم توڙي پارٽي جي سربراھ ڪي اهو لکت ۾ موڪلي ڏين ته سائين جيڪڏهن اوهين اِن رٿا ڪي اسان جي منشا مطابق اتي ئي رفا دفعا نٿا ڪريو ۽ پنهنجي ڳالھ تي اٽل رهي ڪري سنڌ جي ماڻهن سان هڪ مها دوڪو ٿا ڪريو ته پوءِ سائين اسان جي اڄ ڪان وٺي اوهان ڪان ۽ اوهان جي پارٽي ڪان لاتعالقي آهي، اسين پنهنجي بنيادي رڪنيت ۽ عهدي ڪان استعفيٰ ڏيندي اوهان جي هن ساٿ ڪي خير باد ٿان ڪريون، باقي اسان جو جئيڻ مرڻ سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن سان هوندو ڇو ته اسان لاءِ سنڌ وطن آهي.

روزاني هلال پاڪستان جمع 28 سيپٽمبر 2018

## سنڌ جي تعليم تي تجرباتي حربا

سنڌ حڪومت جهڙي ريت سنڌ جي تعليم تي تجرباتي حربا وقت به وقت هلائيندي رهندي آهي، اهڙي ريت ڪجهه سال پهريان سکر آي بي اي کي سنڌ جي اندر تعليم جي معيار جو ڪاٿو لڳائڻ لاءِ ڪيس هڪ ميگا پراجيڪٽ ڏنو ويو، جنهن جو نالو مختصرن سيٽ رکيو ويو، هن پراجيڪٽ تحت پوري تعلقي منجهه پرائمري جي پنجين ڪلاس ۽ مڊل جي انين ڪلاس جي ٻارن کان هر سال ٽيسٽ ورتي ويندي آهي، ٽيسٽ جي نوعيت اِها هوندي آهي ته اُها آبجيڪٽو ٽائپ هوندي آهي.

سکر جي واحد يونيورسٽي جنهن جو نالو ڪڍڻ شرط ئي اصول ۽ ضابطا ذهن تي اُڀري اچن ٿا، اگر سندس ڪنهن خامي جو تذڪرو ڪجي ٿو ته ان اداري ۾ پڙهندڙ اسان جا يار وڏيون اکيون ڪري اسان طرف ڌڪارت واري نظر سان ڏسن ٿا، انهن کي ڪير سمجهائي ته سهڻا سائين هي ادارو آخرڪار انسانن جو تخليق ڪيل آهي ۽ غلطيون ڪرڻ انسان جو فطري عمل آهي، هن اداري کي ملائڪ ٽورئي ٿا هلائين جو هنن کان غلطي نٿي ٿي سگهي، پاڻ هتي ان سيٽ پراجيڪٽ جي مجموعي ڪارڪردگي تي روشني وجهنداسين.

سڀ کا پهريان هن پراجيڪٽ جا واڳ جن واڳ ڏٽين جي حوالي ڪيا ويا انهن دوستن جو انهن تعلقن سان ايترو خاص لڳ لاڳاپو ڪو نه هو، جهڙوڪ مثال طور نري ميرواه تعلقو جن دوستن کي ڏنو ويو اُهي بنيادي طور تعلقي گمبٽ جا رهواسي هئا، هر روز نري اچڻ توڙي وڃڻ عيوض سندس وقت توڙي وسيلا خرچ ٿيندا رهيا، ان کان علاوه ٻي تعلقي جي هجڻ سبب ڪين مختلف اسڪولن ۾ استادن جي ناز نخرن سان پڻ منهن ڏيڻو پيو، ٽي ڳالهه ته ڪين اسڪولن جي صحي دڳ پنڌ توڙي روٽ جي مڪمل سڌ ڪا نه هئي جنهن سبب ڳپل وقت جو بي وجا خرچ ٿي پوندو هو.

ان کان علاوه مختلف اسڪولس جن کي سينٽر منتخب ڪيو ويو هيو اُتي انهن ۾ به ڪافي پيچيدگيون ڏسڻ وٽان مليون، جهڙوڪ ڪنهن اسڪول جون جوابي ڪاپيون ان اسڪول جي داخلا جي تناسب سان گهٽ نڪتيون، وري ڪٿي داخلا جي تناسبت کان

وڏيڪ جوابي ڪاپيون ميسر ٿيون، ڪٿي ڪن ڪاپين ۾ ٻولي جو تضاد نڪتو، پورو اسڪول سنڌي ميڊيم وارو آهي ته اُتي وري ڪاپيون انگريزي يا اردو ميڊيم وارو نڪتيون، مطلب ته اهڙا تضاد هر روز هر ڪنهن نه ڪنهن اسڪول ۾ نڪرڻ شروع ٿيا جنهن جي سبب انهن جو منفي تاثر استادن، شاگردن ۽ والدين جي ذهنن تي پوڻ لڳو، ان ڪان علاوه اُتر جي اسڪول کي ڏکڻ واري سينٽر اسڪول ۾ رکيو ويو ته وري ڪٿي اولهه وارن اسڪولن کي اوڀر واري سينٽرن ۾ رکيو ويو مطلب ته سڄو سسٽم ئي ڏرم ڀرم، خاص طور تي ننڍاٽيون ان ڳچ پنڌ واري مفاصلي ۾ تڪليف زده ٿيون.

شروع شروع ۾ پوري تعلقي منجهه هر هڪ اسڪول جي استادن ۾ هڪ عجيب قسم جي خوف واري لهر ڇانجي وئي، هر ڪنهن کي ان ڳڻتي اچي ورايو ته اگر جي ان جي اسڪول جي پڙهائي جو تناسب گهٽ آيو ته شايد سندس اسڪول کي بند ڪيو ويندو يا وري ڪجھ استادن جو اهو خيال پڻ هو ته اگر جي انهن جي شاگردن هن ٽيسٽ ۾ سٺي ڪارڪردگي ڏيکاري ته متان ڪين ڪنهن انعام يا وري اسڪالرشپ ڏني وڃي، اهڙي ريت ان خوف جي سبب هر هڪ سينٽر ۾ استادن گڏيل طور هر هڪ ٽيم جي سٺي نموني مهمان نوازي ڪئي ۽ ڪچهري ئي ڪچهري ۾ هن ٽيسٽ جي اصليت بابت سوال پڇي ڪري پنهنجا مونجهارا ختم ڪرڻ لڳا، اهڙي ريت هي پراجيڪٽ مسلسل چوٿين سال ڪان وني ڪري هر سال جي فيبروري مهيني ۾ ورجائي ويندي آهي.

هاڻ ته استاد به سمجهي چڪا آهن ته هي ٽيسٽ سڄو سارو ٺوپي ڊرامو آهي، مسلسل چار سال سنڌ جي تعليم جو ڪاٺو هڻندي اجا تائين سنڌ حڪومت اِها سٽ ڪانه سٽي سگهي آهي ته هاڻ اڳتي لاءِ ڪين کهڙي حڪمت عملي جوڙڻ کپي جنهن تحت سنڌ جي خاص طور تي ٻهراڙي جي تعليم سڌري سگهي، هن ٽيسٽ تي هر سال حڪومت لکين رپيا خرچ ڪري ٿي پر بدلي ۾ ڪيس ملي ڇا ٿو ؟

اڻڄاڻو

سنڌ جي اسڪولن کي ڇا ٿو ملي ؟

اڻڄاڻو



www.sindhsalamat.com

سنڌ جي شاگردن کي ڇا ٿو ملي ؟

آڳونو

هر سال ٽيسٽ جو ورجاءُ ٿيڻ جي باوجود به هن ٽيسٽ ۾ هر سال غلطيون ٿين ٿيون، جنهن جي ڪري اسڪولن مان سندن ٻارن ڪان ورتل ٽيسٽ جي صحيح نيتيجو لاڳاپيل استادن ڏانهن نٿو موڪليو وڃي، ڪافي دفعا ائين ٿيو آهي ته هڪڙي اسڪول جو رزلٽ ٻي اسڪول ڏانهن موڪليو ويو، ٻي اسڪول جو رزلٽ ٽي اسڪول ڏانهن، مطلب مڙئي سڄي ڪم کي گهڻ چڪر ڪري اير ڦير ۾ وجهي وقت په ٽپايو ويو

هڪڙي پاسي سکر آئي بي اي معياري تعليم جو نارو بلند ڪري پنهنجو ڳاٽ اُچو ڪري ٻين آڏو سرهائي سان پيش اچي ٿي ته ٻي طرف ٻهراڙي جي اسڪولن جي معيار جاچڻ خاطر سندس اِها ٻي ڏهاني ڪهڙي ذمري ۾ شمار ڪجي؟

ڇا ڪيس صرف پراجيڪٽ جي تڪميل ٿيڻ جو انتظار آهي ؟

ڇا ڪيس صرف پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ جي ڳڻتي آهي؟
ڇا ڪيس سنڌ جي ٻهراڙي جي تعليم بابت ڪا ڳڻتي يا فڪر ڪونه آهي؟

اگر جي آهي ته پوءِ ان ٽيسٽ جي پوري پنجن سالن جي عرصي ۾ ان ٽيسٽ جي طريقڪار کي درست ۽ پر اثرائتي ڇو نه بڻائي سگهي آهي؟

آخر هن ٽيسٽ ۾ هر سال غلطيون ڇو ٿيون ٿين، انهن غلطين جو اثر اهو ٿو ٿي جو اسان کي تعليم جي اصلوڪي نوعيت ۽ حالت جي صحي خبر نه ٿي پوي، اسين هميشہ جيان ٻڏتر جا شڪار رهو ٿا.

اگر سکر آئي بي اي هن پراجيڪٽ بابت هڪ پرسنٽ به سنجيده آهي ته پوءِ هن سيٽ پراجيڪٽ کي مڪمل طور تي شفاف ۽ اثر انداز ڪرڻ لاءِ هينين نقطن تي غور ڪري سڀ کان پهريان هن ٽيسٽ جو تعلقه ڪو آرڊينٽر ۽ ٽيم جا ٻيا فرد ان تعلقي جا منقعد ڪري، ۽ انهن لاءِ تعليم جو شرط اهو هجي ته تعلقه ڪو آرڊينٽر گهٽ ۾ گهٽ ۾ ايم فل ۽ باقي ٽيم ممبران ماسٽرس يا وري ڪنهن مخصوص شعبي ۾ آنرس جي ڊگري رکندڙ هجن، ان کان علاوه پوري ٽيم کي هڪ هفتو ٽريننگ ڏين، جنهن ۾ استادن سان درپيش مسئلا، ٽيم جي ڪم جو نوعيت، ٽيسٽ وٺڻ دوران درپيش ايندڙ مسئلا ۽ انهن

جا حل ڊسڪس ڪيا وڃن ته جئين آئيندا نئي مرحلي ۾ ڪنهن به مسئلي سان آشنا نه ٿيڻو پوي.

ان ڪان علاه ٽيسٽ وٺڻ جي تاريخ ڪان به مهينا اڳ اسڪولن جي موجوده داخلا جا انگ اکر گڏ ڪيا وڃن سي به ميڊيم وائيز، پوءِ انهن انگن اکرن موجب جوابي ڪاپيون ٺهرايون وڃن، ان ڪان علاوه تعلقي جي سيني هيڊ ماسترن جي هڪ گڏيل گڏجاڻي منعقد ڪئي وڃي جنهن ۾ انهن جي رضامندي سان سينٽرس مقرر ڪيا وڃن ۽ وري انهن سينٽرن ۾ انهن جي راءَ مطابق لاڳاپيل اسڪول ڳنڍيا وڃن ته جئين ڪنهن کي به ٽيسٽ ڏيڻ وقت ڪنهن به تڪليف کي منهن نه ڏيڻو پوي.

اسڪولن جي ڪارڪردگي رپوٽ سيڪريٽري ڏانهن اماڻي وڃي جنهن اسڪول جا انگ اکر گراف ۾ ڊائون طرف ويندا هجن ته ان اسڪول خلاف ايڪشن ٿيڻ گهرجي، تڏهن ئي ته تعليم بهتر ٿي سگهي ٿي، باقي رڳو هر سال خالي ٽيسٽ وٺي وري پورو سال گم شم، وري نئي سال ظاهر ٿيڻ مان ڪو فائدو ته ٿي ئي ڪو نه ٿو، ها باقي هر سال وقت جو ذيان ڏاڍو معتبر طريقي سان ٿي ٿو سو به آي بي اي جي مقدس نالي سان.

## بلوچي ٻولي تي سنڌي ٻولي جو اثر

سڀ ٻوليون بنيادي طور تي اظهار ڪرڻ جون هڪ نادر نمونو آهن ليڪن ان سڀ ڪجھ جي هوندي ڪجھ ٻوليون پنهنجي آس پاس ڳالهائي ويندڙ ٻولين جو اثر قبول ڪري وجهنديون آهن جنهن سبب سندن اصلوڪي صورت ۾ بگاڙ اچڻ شروع ٿيندو آهي يا وري ڪجھ ٻوليون اِن جي ڪري به ٻين ٻولين جو اثر قبول ڪنديون آهن جو انهن وٽ لفظن جي اٿاڻ هوندي آهي، سنڌ اندر جيتوڻيڪ هن مهل مختلف قبيلن، ذاتين ۽ برادرين جا ماڻهون رهائش پذير آهن، ڪجھ قبيلن، ذاتين يا برادرين ۾ اجا تائين سندن اُها ئي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي جيڪا ٻولي سندن بنيادي ٻولي آهي مطلب ته جيڪا ٻولي سندن وڏن سنڌ اندر اچڻ کان اڳ ڳالهائي هوئي يا ڳالهائيندا ايندا هئا.

جڏهن ته پوري سنڌ جي مجموعي طور تي زبان سنڌي ڳالهائي ويندي آهي ۽ سنڌ اندر رهندڙ سيئي ذاتيون هڪ ٻي سان هم ڪلام ٿيڻ وقت هڪ ٻي سان سنڌي ٻولي ۾ گفتگو ڪندا آهن پوءِ ڀل چو نه اُهي فرد پنهنجي گهر اندر سرائيڪي، بلوچي يا پناڻڪي ڳالهائيندا هجن، اهڙي ريت هن وقت سنڌ اندر رهندڙ بلوچي ٻولي ڳالهائيندڙ فردن جي بلوچي زبان تي سنڌي ٻولي جا اثر چٽا ۽ واضع نظر اچن ٿا، جيتوڻيڪ اِهو اثر ٻين ٻولين به قبول ڪيو هوندو ليڪن ٻين ٻولين تي اِهو اثر اجا ايترو واضع نظر نه ٿو اچي جيترو بلوچي ٻولي تي نظر اچي رهيو آهي، اچو ته ان اثر تي هڪ نظر وجهون ۽ اهو معلوم ڪريون ته بلوچي ٻولي تي سنڌي ٻولي جو اثر ڪئين آهي.

بلوچي ٻولي ۾ هڪڙو لفظ ڳالهايو ويندو آهي" پاڙو"، جيڪو سنڌي ۾ پڻ لفظ " ڳوٺ" جي جاءِ تي قطب ايندو آهي حالانڪ مختلف ماڻهن جي مجموعي ڪي ڳوٺ سڏبو آهي ۽ وري هڪ ڳوٺ ۾ هڪ ئي برادري يا وري رهائيش پذير مختلف برادرين جا الڳ الڳ پاڙا هوندا آهن، هاڻ بلوچي ٻولي وٽ لفظ" ڳوٺ" جي جاءِ تي پنهنجو لفظ" حلخ " موجود آهي، حلخ مطلب ڳوٺ، ليڪن بلوچي ٻولي ڪي ڳوٺ اندر موجود ٻين پاڙن ڪي بيان ڪرڻ لاءِ لفظ نه آهي جنهن ڪري بلوچي ٻولي پنهنجي ڳوٺ ۾ موجود مختلف پاڙن ڪي بيان ڪرڻ لاءِ سنڌي ٻولي کان مدد وٺندي لفظ" پاڙي" ڪي قطب آڻي ٿو جنهن وسيلي هُو پنهنجي ڳوٺ جي مختلف پاڙن ڪي واضع ڪري ٿو ۽ جهڙي معنيٰ ۽ مفهوم

سان لفظ پاڙو سنڌي ۾ قطب اچي ٿو بلڪ اِهڙي ئي معنيٰ ۽ مفهوم سان ساڳيو لفظ بلوچي ٻولي ۾ پڻ قطب اچي ٿو.

بلوچي ٻولي ۾ هڪ ٻيو لفظ آهي” ڪنگو“ جيڪو سنڌي ٻولي جي لفظ” ڦٽي“ جو ٻيو يا متبادل نالو چئي سگهو ٿا، هاڻ اِهو ڪنگو/ڦٽي ٻئي لفظ سنڌي ۾ قطب ايندا آهن ڪٿي ڪنگو چيو ويندو آهي ته وري ڪٿي ڪيس ڦٽي چيو ويندو آهي، بلوچي ٻولي اِن ساڳي شئي کي پنهنجي ٻولي ۾ لفظ” ڪنگو“ طور سمائي ڇڏيو آهي، بلوچي ۾ اِن شئي کي ڦٽي چوڻ جي بجاءِ ڪنگو چيو وڃي ٿو حالانڪ ڪنگو بذات خود سنڌي ٻولي ۾ قطب اچي ٿو ليڪن اِن جي باوجود بلوچي ٻولي وٽ ان لفظ جي نه هجڻ سبب ائين ڪٿي چئجي ته اُن سنڌي ٻولي ڪان سندس متبادل لفظ کي اڌارو وٺي ڪري پنهنجي ٻولي ۾ سمائي ڇڏيو آهي جنهن جي بنياد تي اهو چئي سگهجي ٿو ته واقعي سنڌي ٻولي جو اثر بلوچي ٻولي تي باقاعده آهي ۽ وري بلوچي ٻولي سندس اِن اثر کي فراغ دلي سان قبول ڪيو آهي.

اهڙي ريت بلوچي ٻولي ۾ ڪافي سارا اِهڙا لفظ آهن جيڪي بنيادي طور تي سنڌي ٻولي جا الفاظ آهن ليڪن انهن کي ساڳي معنيٰ ۽ مفهوم سان بلوچي ٻولي ۾ پڻ قطب آندو وڃي ٿو، اِهڙي نموني جا ڪجھ الفاظ هيٺ بيان ڪجن ٿا.

ڪٺ رلي واچ پنا اڄو ڳاڙها نارنگي صوف ڪيلا مندي صابڻ ٿنيا رستا ٻٽڻ ڪڙٻ لوسڻ ڦٽي رائي ساڳ پيندي ديگڙي ويلڻ پندي ڪرسي وغيره وغيره.

متي بيان ڪيل چند لفظن کي پڙهي ڪري اِهو معلوم ٿئي ٿو ته بلوچي ٻولي تي سنڌي ٻولي جو اثر تمام تر گهرو ۽ گهاٽو آهي، متي بيان ڪيل لفظن کان علاوه اجا به ڪوڙ سارا اِهڙا لفظ آهن جيڪي بلوچي ٻولي ۾ قطب ايندا آهن، سڀني لفظن کي هتي لکڻ جي گنجائش نه آهي اِن لاءِ فل حال ڪجھ ئي لفظ سمجهاڻي طور قطب آندا آهن، سنڌي ٻولي جيتوڻيڪ پنهنجي اندر مختلف ٻولين جي لفظن کي سمائي ڪري رکيو آهي ۽

انهن بنيادن تي اوهان اِهو اعتراض به ورائي سگهو ٿا ته مٿي بيان ڪيل فلاٽو لفظ سنڌي ٻولي جو بنيادي لفظ ڪونه آهي، اِهڙي ريت اوهان جو اعتراض درست به ٿي سگهي ٿو ليڪن هتي هڪ ڳالهه جي وضاحت به ضروري آهي ته بلوچي ٻولي ۾ قطب ايندڙ سنڌي لفظ سڌي طرح سنڌي ٻولي کان ئي اثر طور قبول ڪيا ويا آهن پوءِ ڀلي چو نه اُهي لفظ ٻين ٻولين جا هجن، چو ته سنڌ اندر رهندڙ بلوچي ڳالهائيندڙ آبادين جو سنئو سڌو سماجي ڳانڍاپو ۽ لاڳاپيو سنڌي ڳالهائيندڙ فردن سان گهڻو آهي جنهن جي ڪري سندن ٻولي تي به اثر سنڌي ٻولي جو گهرو ۽ گهڻو آهي.

چو ته علاقائي زبانون علاقائي آبادين تي پنهنجو اثر ڇڏيندڀون آهن، ڪجهه ٻولين جا اثر گهرا ۽ ديرپا ثابت ٿيندا آهن ته وري ڪن ٻولين جا اثر وقتي ۽ ناپيد ثابت ٿيندا آهن، جيڪا ٻولي ڳالهائڻ سان گڏ لکي ويندي آهي اُها ٻولي پنهنجي بقا جي جنگ کٽي ويندي آهي ۽ وري جيڪا ٻولي لکڻ جي بجاءِ صرف ڳالهائي ويندي آهي(جهڙوڪ بلوچي) ته اُها ٻولي پنهنجي بقا جي جنگ ۾ شڪست کائيندي آهي، بلوچي ٻولي کي لکڻ مهل اردو جي رسم الخت کي قطب آندو ويندو آهي چو ته اڄ ڏينهن تائين بلوچي ٻولي جي پنهنجي بنيادي الفا بيٽ/رسم الخت ايجاد نه ٿي سگهي آهي جنهن کي استعمال ڪندي بلوچي ٻولي کي ڳالهائڻ سان گڏ لکيو به وڃي ۽ سندس لکت کي محفوظ ڪري ڪيس هميشہ لاءِ امرتا بخشي وڃي، سنڌ اندر هن مهل بلوچي ڳالهائيندڙ فردن ڳچ انگن ۾ موجود آهن ليڪن سڀ جا سڀ بلوچي ٻولي کي لکڻ کان قاصر آهن ۽ لکڻ واري معامري ۾ نج سنڌي ٻولي کي قطب آڻيندي هڪ ٻي سان هم ڪلام ٿيندا آهن.

روزاني هلال پاڪستان

تاريخ 26 آڪٽوبر 2018

گهوري جان جتن تان


www.sindhsalamat.com

سنڌ جي مستقبل جي بابت سوچيندي ڪڏهن اِهو فڪر ورائي ويندو اٿم ته اسان جو آئيندو الاءِ ڇا ٿيندو، اسان توهان مان اڪثر ماڻهو اڄ ڏينهن تائين سوشل ميڊيا جو صحي استعمال ڪرڻ ڪونه سکي سگهيا آهن اِهي ماڻهو جديد دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڪئين ملائي سگهندا.

هڪڙا آهن معاشري جا نالي ماتر شاعر حضرات، جيڪي پنهنجي هر هڪ ڦڪي، مني توڙي ڪچي تخليق تي به پنهنجو فوٽو اپلوڊ ڪري مڙئي پيا ماڻهن کان واهه واهه جو داد حاصل ڪندا آهن، هاڻ اِهڙن شاعرن کان ڪهڙن انقلابن جي اميد ڪجي، سندن تخليق مان ڪهڙا گل ڦٽندا، هنن ويچارن کي ته پنهنجي شاعري کان وڌيڪ پنهنجي پاڻ سان پيار آهي، تڏهن ئي ته پنهنجن فوٽن جي هٽا مار لاهيو وينا هوندا آهن، ٺيڪ ائين ڪپي ها ته شاعر حضرات پنهنجي تخليق سان گڏ اُن عنوان سان ڪو ملندڙ جلندڙ تصوير گوگل کان ڪٽي ڪري اپلوڊ ڪن ته جئين اُها تصوير سندن لفظن جي عڪاسي ڪري ۽ ٻين کي سندن شاعري منجھ سمايل رمز سمجھ ۾ اچي سگھن.

پر ائين ڪندا ڇو

ويچارن کي پاڻ به ته ڏيکارٽو آهي<br>پاڻ به ته وٽائٽو آهي

آخرڪار معاشري جا نالي ماتر مهان شاعر جو آهن، افسوس ٿيندو اٿم اهڙن شاعرن جي شاعري فيس بڪ تي ڏسي ڪري جن جا ٻوٽ ٻن لفظن جي سجاوٽ سان هر روز پيا اپلوڊ ٿيندا آهن، اهڙن شاعرن مان معاشرتي اصلاح جي ڪا به اميد نه ٿي رکي سگهجي ڇو ته اِهي ويچارا پنهنجي پاڻ منجھ قيد آهن.

اِهي ماڻهو خود پرستي جي بيماري ۾ مبتلا آهن، اِهڙن کي شاعر سمجهڻ به شاعري جي توهين ۾ شمار ٿيندي.

انهن ڪان علاوه هڪڙو ٻيو گروهه آهي، جيڪي صاحب پڻ اِن ساڳي ڪرت سان لاڳاپيل آهن، مطلب ته ڏينهن ۾ ڪي چار يا پنج فوٽو اپلوڊ ڪري ڇڏيندا، فوٽو به وري ماشاءَالله اَهڙا جو ڏسڻ شرط ئي اندر سڙي وڃي ته ٻيلي هي به ڪو فوٽو آهي جو اپلوڊ ڪيو اٿس، مطلب ته عجيب و غريب فوٽو

مثال طور هڪڙا لکندا آهن

Traveling to Karachi

هاڻ ان صاحب کان پڇجي ته صاحب ڇا ڪراچي ٻين ڪانه ڏٺي آهي ڇا

جو تون ڏسڻ يا گهمڻ ٿو وڃي ته وڏي ڳالهه ٿي وئي، وڏي ڳالهه ته تڏهن ٿيندي آهي جڏهن ڪو اهڙو ڪم/عمل ڪجي جو ٻين نه ڪيو هجي تڏهن ئي اهو ڪم وڏي ڳالهه چورائبو آهي، ها وڏي ڳالهه تڏهن ٿي ها جڏهن لکي ها

Traveling to UK or Traveling to Germany

هاڻ چئجي ها ته ها يار واقعي وڏي ڳالهه آهي، چاچا چگيز خان (ڪانير) جو پٽ آمريڪا وڃي پيو، يا فلاڻي ماستر، ڪلارڪ يا پٽيوالي جو پٽ جرمني وڃي پيو، هاڻ هي ڳالهه وڏي نوعيت جي ليکجي ها ۽ قابل فڪر به هجي ها

وري ٻيا لکندا آهن

Eating Biryani with Ali and 60 others at Dubai hotel

هاڻ ان صاحب عقل کان پڇجي ته ادا برياني کائڻ ۾ ڪهڙي وري وڏي حڪمت جهڙي ڳالهه رکيل هئي جو تون اِن عمل کي به فيس بڪ تي رکي آزار وڌايو، هر ڪو برياني

ڪائيندو آهي يا وري هر ڪنهن جي ڪاڌل هوندي آهي آخرڪار ان اسٽيٽس رکڻ ۾ نواڻ کهڙي آهي، وري جاهلاڻو عمل اِهو ته وينو هوٽل ۾ اڪيلو هوندو مگر اِهو اسٽيٽس 60 ڄڻن کي ٽيگ ڪري ڇڏيندو.

واهه ڙي فيس بڪ تنهنجا ڪرشماتي معجزا

اهڙن فيس بڪ يوزرس تي وڏي ٻاهه ڇڙهندي آهي، اصلي پارو مٿي چڙهڻ لڳندو آهي، ادا توهان کي سوشل ميڊيا استعمال ڪرڻو آهي ته ماڻهن جي اصلاح ڪريو يا وري اِهڙيون شيون ٻين سان ونڊ ڪريو جن مان ٻين کي ڪو فائدو پهچي

ڪا تربيت ٿي
ڪا نواڻ اچي
ڪا نئي سوچڻ جي راهه هموار ٿي
يا وري ڪنهن لاءِ ڪو فائدو وارو دڳ ليي پوي

ائين ٿورئي ٿيندو آهي ته هر گهڙي هر منٽ بس صرف پنهنجا ڏنڌلا، ڪارا، ڦڏا ۽ ڇٻا فوٽو پيا اپلوڊ ڪجن ۽ ٻين کي پيو ذهني اذيت ڏجي

يقينن ائين توهان کي به فيس بڪ تي ڪجهه مها مهاڏن جا مهاندا ڏسي ڪري وڏي ٻاهه ڇڙهندي هوندي

ڏٽي کي مڃو، پنهنجي ڏيکاءُ کان پرهيز ڪريو، ها پنهنجا فوٽو اپلوڊ ڪريو تڏهن جڏهن ڪنهن خاص مقام، جڳهه يا خصوصي گڏجاڻي ۾ شرڪت جو موقعو توهان کي نصيب ٿي يا وري زندگي ۾ ڪا ڪاميابي نصيب ٿي، يا وري ٻين لاءِ ڪو اصلاحي يا معلوماتي عنصر هجي جنهن جي اپلوڊ ڪرڻ سان اهو سمجهو ته ان عمل سان ٻين ۾ اتساهه يا محنت جو جذبو اُڀرندو پوءِ ڀلي اپلوڊ ڪريو، باقي اجائي سجائي جاهلاڻا وندر کان پاسو ڪريو ۽ پنهنجو ۽ ٻين جو وقت برباد نه ڪريو نه ته تاريخ اوهان کي

ڪڏهن به ڪنهن به قيمت تي معاف نه ڪندي.

جڏهن ڪنهن به محفل ۾ ڳالھ نڪري ٿي ڪتاب پڙهڻ جي ته يڪدم اسان جو سڄي جو سڄو سارو خيال، سڄو فڪر، سڄي سوچ ان ڳالھ ڪندڙ فرد ڏانهن مرڪوز ٿي وڃي ٿي جيڪو فرد ڪتاب پڙهڻ جي ڳالھ ڪري ٿو، ڪتابن سان لڳاءُ رکڻ بلڪل ائين آهي جئين ڪنهن شئي جو عادي ٿي وڃڻ، قدرت واري انسان ۾ بنيادي طور سکڻ ۽ سيکارڻ جو ٻئي مهارتون ترتيب ڏنيون آهن، هر هڪ انسان ۾ هر وقت ڪجھ نه ڪجھ سکڻ جو جذبو موجود هوندو آهي وري ان سکيل کم کي ٻي کي سيکارڻ واري صلاحيت به موجود هوندي آهي.

اوهان پوري دنيا جي اندر رهندڙ ماڻهن جو مشاهدو ڪري ڏسو، ڀلي پوءِ اُهي مرد هجن، چاهي عورت، ٻاهرين ملڪن ۾ جديد ٽيڪنالاجي جي هوندي سوندي به اُتان جا ماڻهو ڪتابن جي مطالعي ڪرڻ جا بي حد شوقين آهن، تقريبن هر هڪ فرد جي گهر ۾ ننڍڙي لائبريري قائم ٿيل هوندي آهي، جنهن ۾ اهو فرد واندڪائي واري وقت ۾ ڪجھ پڙهي وٺندو آهي، اهڙي طرح دنيا جي جديد ٿيڻ سان سندن ڪتابن پڙهڻ واري عادت ۾ گهٽتائي اچڻ بدران، واڌ ٿي آهي، جيتوڻيڪ ٽيڪنالاجي تمام ٿوري عرصي ۾ دنيا کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي چڪو آهي پر ان جي باوجود ڪتابن سان سينو سهائي نه سگهيو آهي.

ان ڳالھ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ڏاهپ ۾ واڌارو هميشہ مطالعو ڪرڻ سان ايندو آهي، مطالعي ڪرڻ سان شين جي مختلف پهلوئن جي خبر پوندي آهي، ڪتابن وسيلي ڪار آمد حڪمت عمليون توڙي تجويزيون هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ تائين سفر ڪنديون آهن، ڪتاب پاڻ خاموش هوندي پنهنجي پڙهندڙ کي چڱي خاصي معلومات فراهم ڪندي آهي، ڪتابن جو عشق منهنجي نظر ۾ سيني عشقن کان اعلي ۽ اتم عشق آهي، هي هڪ اهڙي قسم جو عشق آهي جنهن ۾ محبوب سان ملاقات ڪرڻ جو ڪو به خاص وقت مقرر ناهي ٿيل هوندو، جنهن مهل دل چيو ڪتاب کولي، اکرن کي پسجي، پنهنجي نيڻن کي ٺارجي ۽ ذهن کي فرحت جوڳو بڻائجي.

ٻالڪپڻ واري دور ۾ جنهن وقت عقل توڙي سمجهه ذهن ۾ سلامي پرڻ لڳي ته تنهن مهل ٻين ٻارن وانگر مون رواجي طور راند روند توڙي گهمڻ ڦرڻ کي اوليت نه ڏني، واندڪائي واري وقت گهر ۾ موجود ڪتابن واري ڪٻٽ کي کولي ڪري انهي منجهان ڪهاڻين جا ڪتاب پڙهڻ شروع ڪندو هيس، ائين هلي هلي ڪري وري ڪنهن دور ۾ ٻالڪ رسالن ۾ ڪهاڻيون لکي ڪري موڪليندو هيس، ائين ادب جي دنيا سان آءُ ڪجهه عرصي کان وني ڪري ڳنڍيل رهيس، ادب جي دنيا سان منهنجو ائين جڙيو رهڻ جو جيڪو بنيادي ڪارڻ هو، اُهو هو ڪتابن جو لاڳيتو مطالعو ڪرڻ ۽ انهن منجهان علم جا سُرڪ پرڻ.

مطالعي ڪرڻ سان فڪر جا نوا گس ملندا آهن، سوچڻ لاءِ نوا عنوان ملندا آهن، ڪچهرين ۾ بحث ڪرڻ لاءِ نوا سبب ملندا آهن، ڪتاب اسان کي وقت جي انهن وهڪرن جو احول ڏيندا آهن، جيڪي وهڪرا اسان توهان ڪونه ڏٺا هوندا آهن، انهن انمول گهڙيون به اسان سان حالي احوالي ٿيندا رهندا آهن جيڪي گهڙيون تاريخ کي جوڙيندي گذريون آهن، اسان ڪتابن وسيلي انهن امر، توڙي انقلابي ڪردارن جي جدوجهد بابت پڻ ڄاڻ حاصل ڪندا آهيون، جيڪي انقلابي اڳواڻ اسان توهان کان ڪي ئي ورهيه اڳ موڪلائي ويا آهن، اسان انهن ماڳن ۽ وٿاڻن بابت پڻ ڪتابن ۾ پڙهندا آهيون جن وٿاڻن ۽ وستين کي آباد هوندي اسان ناهي ڏٺو، جهڙوڪ موئن جو دڙو، هڙاپا، ٽيڪسيلا وغيره.

ڪتاب ڪنهن نه ڪنهن نموني اسان جي زندگي سان جڙيل رهن ٿا، اسان جون سُوچون ڪتابن ۾ سڏڪنديون آهن، اسان جا ارمان ڪتابن ۾ لفظن جو روپ ڌاري ڪري گم ٿي ويندا آهن، اسان جا احساس زماني جي بي رخين جو تاب نه سهندي ڪتابن جي ورقن ۾ اچي پناه حاصل ڪندا آهن، پيار جا انيڪ وچن، واعدا، قول توڙي قرار ڪتابن جي ذينت بڻجي ڪري دنيا آڏو پڙهڻ لاءِ ميسر ٿيندا آهن، ڪتاب خاموشين جا تاڪ پيجي ڇڏيندا آهن، ڪتاب اندر جي اولڙن کي پڌرو ڪري ڇڏيندا آهن، ڪتابن سان لڳاءُ شعور جي علامت آهي، ڪتاب پڙهندڙ فرد شعوري فردن جي فهرست ۾ ڳڻيو ويندو آهي.
جيڪي فرد ڪتابن جو مطالعو ڪندڙ هوندا آهن، انهن جو ذهن هميشہ چست رهندو آهي،

سندن دماغ ۾ هر روز انيڪ خيال پرواز ڪندا رهندا آهن، سندن ذهن ۾ نت نوا خيال توڙي تخليقي ڪم اُسرندا رهندا آهن، ڪتابن جو قدر هن مهل مغرب جي ملڪن ۾ ساڳي ريت برقرار آهي، ان جي بنسبت اسان جي سنڌ ۾ به هن مهل ڪتاب پڙهڻ جو رهجان به ڪنهن قدر موجود آهن، هر روز نت نوا ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچن پيا ۽ ان ڪان علاوه نئي ٿهي جا نوجوان به قومي، انقلابي توڙي پيار محبت جا ڪتاب به انيڪ تعداد ۾ پڑهن پيا، منهنجو ڪجھ عرصو پهريان سنڌ يونيورسٽي ۽ سڪر آي بي يونيورسٽي وڃڻ ٿيو هيو اُتي به مون اُتان جي شاگردن طرفان ڪتاب پڙهڻ جو سنو رجحان ڏٺو، جتي مون سان اُتان جي ڪافي دوستن مختلف ڪتابن بابت پنهنجا قيمتي رايا بحث ڪيا خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ انهن منجهان پرايل سبق تي پڻ.

## موت ۽ منهنجي اندر جو وهم

موت هڪ اهڙو ته ڳوڙهو عنوان آهي جنهن بابت سوچيندي دماغ جا سيئي در بند ٿيو وڃن، جڏهن موت بابت ڪِن ڪتابن جو اڀياس ڪجي ٿو ته دماغ خشڪ ٿيو وڃي، ڇو ته پڙهيو ويندڙ مواد هميشہ ذهن تي پنهنجا اثر ڇڏيندو آهي، اِهڙي ريت هن عنوان کي پڙهندي ائين محسوس ٿيندو آهي ته ڄڻڪ ڏاهپ، عقل ۽ فهم وقت کان اڳئي ختم ٿيندا هجن موت بابت هر هڪ فرد، ڏاهي، فلاسافر ۽ دانشور جا پنهنجا پنهنجا الڳ رايا ۽ نقطا نظر آهن، ليڪن اُن جي باوجود اِهي سڀ فرد هِن ڪيفيت/حالت کان انروني طور خوفزده ٿيندا آهن.

پلا ڪير چاهيندو ته اهو عيش عشرت واري زندگي کان محروم ٿي؟؟؟

ڪير چاهيندو ته هُو پنهنجي خوبصورت زال کي اڪيلو هن دنيا ۾ ڇڏي ڪري پاڻ وڃي قبر ۾ قابو ٿي.

پلا ڪير چاهيندو ته هن دنيا جون سڀ رونڪون سندس اکين کان اوجهل رهن ؟؟؟

يقينن ڪير به نه ليڪن موت هڪ حقيقت آهي جنهن کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي، ڪنهن به وقت آدم کي سڏ ٿي سگهي ٿو ۽ تنهن ئي گهڙي دم ٻاهر، همراهه پورو روزاني سوين، هزارين موت ٿين ٿا، ڪجهه حادثاتي طور، ڪجهه غفلتن جي عيوض، ڪجهه درد ۽ پيڙاهن کان پنهنجي جند آزاد ڪرائڻ لاءِ خودڪشي جي صورت ۾، ڪجهه وري ٻين هٿان قتل ٿيڻ جي روپ ۾ مطلب ته هن درتي تي هر پل آدم جي خون جي هولي پئي هلندي آهي جيڪا رُڪجڻ جو ته نالو ئي نٿي وني آءُ موت کان انتهائي درجي

تائين خوفزده ٿيندو آهيان، مون کي اِهو گمان ٿيندو آهي ته جيڪڏهن آءُ وقت کان اڳي مري پيس ته پوءِ شايد منهنجو وجود، منهنجي شخصيت ۽ منهنجي ذات فنا ٿي ويندي، آءُ پنهنجي ذات کي بقا ڏيڻ جي لالچ ۾ موت واري فهم ۽ فڪر کان الاهي پري هليو ويو آهيان، مون موت کي ايتري قدر ته وساري ڇڏيو آهي جو اگر جي ڪڏهن قسمت سان مون کي موت ياد پوندو آهي ته آءُ صفا ڳاڙهو ٿي ويندو آهيان، منهنجي جسم ۾ رت جو دٻاءُ وڌي ويندو آهي، منهنجي دل جي دڙڪن تيز ٿي ويندي آهي مون انيڪ ڏاهن، دانشورن ۽ عالمن کان ان بابت پڇيو آهي ته آخرڪار مون سان ائين ڇو ٿو ٿي، آءُ موت کان ايترو خوفزده ڇو آهيان ليڪن ڪنهن به اڄ ڏينهن تائين مون کي ڪو مطمئن ڪندڙ جواب ناهي ڏنو، بس سڀني مجموعي طور ائين ئي چيو آهي ته" تون کي پنهنجي زندگي سان گهڻو پيار آهي جنهن سبب تون کي فنا ٿيڻ جو خوف جاڳي پيو آهي"، هڪڙي ڏاهي ته صفا ڪمال جو جواب ڏنو ۽ چيائين" اِهو سڀو ڪجهه تنهنجو وهم آهي، تون کي موت کان خوف نه پر تون کي هڪ وهم جو اثر آهي.

وهم جو علاج ته حڪيم لقمان وٽ به ڪو نه هو اِن لاءِ اسان تنهنجي لاءِ ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهون دانشورن، ڏاهن ۽ اهل علم جي فردن جا اِهڙا رايا ٻڌي ڪري هاڻ آءُ هن ٿياس تي اچي ٽنگجي پيو آهيان ته آيا اِهو سڀ ڪجهه منهنجو وهم آهي يا خوف ؟

## سنڌ اندر ميرٽ سان ٿيندڙ هٽ چراند

تعليم جو شرح جيتوڻيڪ سنڌ اندر تمام گهٽ آهي، ليڪن اُن جي باوجود ڪافي سارا شاگرد وڏي محنت ۽ جاکوڙ ڪري ڊگريون حاصل ڪن ٿا، اُن جي باوجود وري جڏهن سنڌ حڪومت نوڪريون ڏيڻ جي ڪري ٿي ته اُن مهل سندس اميدن تي پاڻي ڦيريو وڃي ٿو ۽ ميرٽ جا جنازا ڪڍيا وڃن ٿا، ڪجھ وقت پهريان وزير اعليٰ سيد مراد علي شاھ صاحب ٽيسٽ ۾ فيل ٿيندڙ اميدوارن کي به نوڪرين جا آڊر ڏنا ۽ اُهي آساني سان معاشري اندر ڊاڪٽر بڻجي ويا، ان کان علاوه وري هاڻ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن طرفان ورتل امتحانن ۾ بد عنوانين ۽ پنهنجا نوازي جا به چرچا عام ٿيڻ لڳا آهن جنهن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ اندر ميرٽ جو ڪو به خاڪو موجود نه آهي.

سنڌ جا ماڻهو مجموعي طور ته شديد تڪليفن، سورن ۽ صدمن کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ سندس ضروريات زندگي جا مڙني وسيلا غاصبن وٽ يرغمال بڻيا پيا آهن ليڪن اُن جي باوجود به سنڌ اندر حڪومت طرفان ڪو به اهڙو ئي منصوبو يا حڪمت عملي موجود نه آهي جنهن جي بنياد تي اهو چئي سگهجي ته سنڌ حڪومت جو هي قدم ساراھ جوڳو آهي يا سندس ڳڻ ڳايا وڃن، سنڌ جا ماڻهو هميشہ جيان پنهنجي ووٽ جي عيوض تڪيلفون ۽ در بدريون موٽ ۾ موصول ڪن ٿا ۽ خدا جي رضا ۾ راضي رهڻ جا عادي ٿي ويا آهن.

تعليم سان شعور ايندو آهي، شعور وسيلي چڱي ۽ بُري جي تميز پيدا ٿيندي آهي ۽ اِها تميز وري بهترين معاشري اڏڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي آهي، اسان جي معاشري قدرن جو هن مهل ڏيوالپڻو ته توهان اسان جي سامهون آهي ليڪن اِن جي باوجود تعليم کي ڄڻڪ حڪومتي ايجندا ۾ شمار ئي نه ڪيو وڃي، هر ڏينهن تعليم جي شعبي ۾ پيدا ٿيندڙ بگاڙ، ڪاپي ڪلچر، سفارشي ڪلچر ۽ پنهنجا نوازي جو عنصر گهٽجڻ بجاءِ اجا وڌيڪ سگهارو ٿيندو پيو وڃي، جنهن جو سڄو سارو اثر ميرٽ تي پئجي رهيو آهي ۽ ميرٽ سان هٽ چراند هر دفعي ڪئي ٿي وڃي، لفظ ميرٽ کي ايترو ته خوار ۽ خراب ڪيو ويو آهي جو ڄڻڪ هاڻ اسان وٽ اِهو لفظ ميرٽ مشڪوڪ ٿيڻ لڳو آهي.

هڪ طرف 2012 ۾ ماستري جي ورتل ٽيسٽن ۾ بدعنوانين ۽ جهڳاڙن جون خبرون عام ٿيڻ لڳيون آهن ته وري ٻي طرف سنڌ اندر سنڌ کان علاوه ٻين صوبن جي ڊوميسائيل رکندڙ فردن کي به نوڪريون ڏيڻ جون افواهون به ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون، سنڌ جي مجموعي طور پڙهيل لکيل گروهه کي ڪٿي به ڪنهن سرڪاري نوڪري ملڻ جو پڪو ۽ چٽو امڪان نظر نه ٿو اچي ته وري ٻي طرف تعليم جي طرف ماڻهن جو رهجان به گهٽجڻ لڳو آهي جنهن جو مکيه سبب ئي اِهو آهي نوڪرين جو نه ملڻ ۽ ميرٽ سان ٿيندڙ هٿ چراند ٿيڻ جا قضا، اهڙي ريت وري به نقصان جو منهن سنڌ جي ترقي ۽ واڌ ويجهه کي ڏسڻو ٿو پئي، سنڌ جديد ٿيڻ بجاءِ قديم ٿيڻ طرف وڃي رهي آهي.

هر سال يونيورسٽين مان انيڪ هوشيار ۽ قابل شاگرد پاس ٿي ڪري ڊگريون وٺي وڃن ٿا ليڪن حڪومت طرفان انهن جي بهتر مستقبل لاءِ ڪوبه جوڳو انتظام يا بندوبست ناهي ٿيل جنهن سبب اڪثر قابل ۽ هوشيار شاگرد گهر ويهڙو ٿي ڪري پنهنجي مستقبل کي تباهه ڪري ٿا ڇڏين ۽ سندن تخليقي صلاحيتون ڪار آمد ٿيڻ بجاءِ بي ڪار ٿي وڃن ٿيون، جيڪڏهن حڪومت سنجيدگي سان ڪجهه اهڙا پروگرام يا حڪمت عمليون جوڙي جن جي وسيلي هر سال يونيورسٽي مان پاس آئوٽ ٿيندڙ شاگردن کي پنهنجي قابليت جي آڌار تي جانچي ڪري ڪين سندن لاڳاپيل شعبي ۾ روزگار فراهم ڪيو وڃي ته شايد سنڌ اندر تعليم جي اهميت جي گراف ۾ واڌارو ٿي ۽ ميرٽ جي تقدس پڻ بحال ٿي جنهن جي بنياد تي ماڻهن جو تعليم جي طرف لاڙو وڌي ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ شاگردن جي داخلا جو تناسب گهٽجڻ بجاءِ وڌي پوي، ليڪن افسوس ته حڪومت سنڌ انهن مڙني سيني پهلوئن کان مڪمل طرح سان ڪن لاٽار ڪيون ويٺي آهي.

هن مهل سنڌ اندر پڙهيل لکيل نوجوانن جي اڪثريت مايوسي جو شڪار آهي ۽ اِن فڪر ۾ مبتلا آهي ته سندس مستقبل ڇا هوندو، روشن يا اونداهو، ڇو ته سنڌ حڪومت ڪين مستقل نموني سان روزگار جا وسيلا فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ثابت ٿي چڪي آهي، ڪجهه عرصو پهريان روزگار ڊاٽ ڪام نالي ٺاهيل ويب گاهه به هن مهل سنڌ جي ڪنهن هڪ به نوجوان کي سرڪاري نوڪري ڏيڻ جو سبب نه ٿي سگهي آهي، مطلب ته حڪومت جو اهو تجربو به ناڪام ثابت ٿيو، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن به هميشه جيان

ڪرپشن جي ور چڙهي وئي آهي ۽ ڪامورا شاهي جي اشارن تي هلندي نا اهل فردن کي ٿيستڻ ۾ پاس ڏيکاري نوڪرين سان نوازي پئي، آخرڪار انهن کان پڇي ڪير، انهن جو احتساب ڪري ڪير، سڀ جا سڀ حڪومتي ڪارندا اگهور ننڊ ستل آهي ۽ سنڌ اندر ميرٽ سان هٿ چراند ٿيندا رهن ٽا جيڪي تاريخ جي صفن ۾ نئي تاريخ رقم ٿيندي رهي ٿي ۽ نيٺ هڪ ڏينهن وقت انهن نا انصافين ۽ نا جائزين جو حساب انهن ڪرپٽ ۽ بي ضمير ڪامورن توڙي سياستدانن کان طلب ڪندي.

# عطائي ڊاڪٽر

ڪجھ عنصر سماجي سڌار جي بجاءِ سماجي بگاڙ جو سبب بڻجندا آهن تهڙي ئي ريت اڄڪلھ عطائي ڊاڪٽرن جو آزار اسان جي شهر جي اوس پاس جي علائقن ۾ وڌي ويو آهي، هي آزار اِهڙو ته ناسور بڻجي چڪو آهي جو هاڻ هِن مان جان آجي ڪرائڻ هر ماڻهو تي ڄڻڪ فرض علت بڻجي چڪو آهي.

عطائي ڊاڪٽر جيتوڻيڪ اُنهن کي چئجي ٿو جيڪي بنا ڪنهن سَند/سرٽيفڪيٽ جي پاڻ کي ڊاڪٽر سڏرائن، ليڪن هاڻ ڪجھ اِهڙا به عطائي ڊاڪٽر نمودار ٿيا آهن جيڪي ڪنهن ميڊيڪل ڪاليج يا ميڊيڪل اسڪول کان هيلٿ ٽيڪنيشن، ڊسپينسري يا وري نرسنگ جو ڪو هلڪو ڦلڪو ڪورس وغيره ڪري پاڻ کي اچي ڊاڪٽر سڏائي انساني جانن سان کيڏن ٿا، نتيجتن طور انيڪ جانيون سندن هٿن سان ضايع ٿين ٿيون ۽ ڪافي ماڻهو موت جي منهن ۾ وقت کان پهريان هليا وڃن ٿا.

ڪجھ ڏينهن پهريان تعلقا نارا جي ڪجھ عطائي ڊاڪٽرن خلاف اُتان جي ڪورٽ ايڪشن ڪنيو ۽ ڪافي سارن عطائي ڊاڪٽرن کي اِن ڪورٽ جي ترت ايڪشن اُتان پڄڻ پيڙو ڪيو، هاڻ سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا انهن خلاف ترت قدم کڻجن يا انهن کي انساني جانن سان کيڏڻ ڏنو وڃي؟

انسان پنهنجي وس آهر ڪافي ڪمزور ترين ۽ اڄڪلھ جي دنيا جي تقاضائن مطابق سهپ جو انتهائي ڪچو آهي، انهن عطائي ڊاڪٽرن طرفان مهيا ڪيل غلط اعلاج سندن سر جو سانگو سندس سر تان لاهي ٿو، ڪين موت طرف ڌڪي ٿو.

ڇا چند ڏوڪڙن عيوض سستو علاج غريب ماڻهو کي مهانگو پلئي نه ٿو پئي؟

ڇا انهن ڪينسر نما عنصرن خلاف وقت جي آڌر تي تحريڪ نٿي هلائي سگهجي؟

ڇا اِنهن سيڪڙات ڪمپائوڊرن کي ڊاڪٽرن سمجهي ڪري اسان پنهنجي توڙي پنهنجي ٻچن جي زندگين سان کونه ٿا کيڏيون؟

جيڪڏهن عطائي ڊاڪٽرن کي ائين ئي خود مختياري ۽ آزادي ڏئي ڪري اسان پنهنجي مٿي تي چاڙهي ڇڏيو ته يقينن اِهي اڳتي هلي ڪري اسان جي سماج لاءِ ناسور ثابت ٿيندا ۽ اِن لاءِ اڇو ته انهن جي نشاندهي ڪري ڪين اهو احساس ڏياريو ته توهان جن ٻن ڏوڪڙن جي لالچ ۾ انساني زندگين سان کيڏ کيڏيو پيا اِهو عمل سماجي ڏوهه آهي ۽ سماجي ڏوهه پوري سماج کي نقصان ڏيندو آهي.

اِن لاءِ اچو ته اُنهن عنصرن کي وقت سر سڃاڻي ڪري سندن خلاف ڪا حڪمت عملي جوڙيو ته جئين اسان جو سماج وڌيڪ غلاضتن ۽ گندگين کان پاڪ رهي سگهي ۽ اسان جو هي چمن ڪنهن گلشن وانگر نکري ۽ چمڪي توڙي جو ڪيس هن مهل انيڪ مشڪلاتون درپيش آهن.

## عجيب اتفاق

ڪيڏو نه عجيب اتفاق آهي جڏهن ڪو فرد قوميت جي مفهوم ڪي وساريندي پنهنجي برادري ڪي قوم سڏڻ شروع ڪري، اِهو لمحو انتهائي درجي جو اذيت ڏيندڙ هوندو آهي، آءُ دوستن سان هڪ هوٽل تي وينو هيس ته اُتي ٻه همراه اچي پرسان وينا، ڪنهن سنجيده عنوان تي بحث ڪري رهيا هئا، سندن گفتگو مان ائين معلوم ٿي رهيو هو ته شايد انهن جي برادري جي ڪجھ ماڻهن جو ٻي ڪنهن برادري جي ڪجھ ماڻهن سان ڪو تنازو هلي رهيو هو، هِي ٻئي صاحب انهي تنازي تي ٽيڪا ٽپڙي ڪري رهيا هئا.

سندس گفتگو مان هڪ لفظ مون ڪي بار بار اندر منجھ ڇيھو رسائي پيو، ۽ آءُ انهن جي ناداني تي اندر ئي اندر ڳوڙها ڳاڙي رهيو هيس، هي ٻئي صاحب ڏسڻ وائيسڻ ۾ نج سنڌي لڳي رهيا هئا ۽ سندس گفتار توڙي ٻاهري ڏيک مان اِهو چٽو صاف نظر اچي رهيو هو ته هُو ڪنهن به صورت ۾ پٺاڻ، پنجابي يا بنگالي توڙي برمي ڪونه هئا، ليڪن اُن جي باوجود هي ٻئي صاحب پنهنجي گفتگو ۾ پنهنجي برادري جي ڳالھ ڪرڻ مهل اِهو جملو ورجائي رهيا هئا ته" اسان جي قوم هي ڪم ناهي ڪيو، " اسان جي قوم ۾ اهڙا فرد ڪونه آهن، اسان جي قوم جا ماڻهو انتهائي شريف آهن.

هتي هنن جي گفتگو ۾ لفظ قوم ڪي ذات ۽ برداري جي جڳھ تي قطب آندو پي ويو، حالانڪ حقيقتن هنن ٻنهن دوستن جي قوم بنيادي طور تي سنڌي قوم آهي، ليڪن الاءِ ڇو ڪين پنهنجي اِن غلطي جو احساس نه پي ٿيو، انهي ساڳي لفظ ڪي بار بار ورجائيندي هُو منهنجي صبر جي پيماني ڪي اپرڻ تي مجبور ڪري رهيا هئا.

آخر مون سندن ڳالھ ڪي ڪٽيندي ڪين قوم جي مفهوم سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پهريان ٿورو ڊپ ٿيو ڇو ته اسان وٽ ماڻهو اصلاح ڪي تمام گهٽ صورتن ۾ قبول ڪندا آهن، ليڪن وري اهو خيال ذهن تي تري آيو ته جيڪڏهن مون هنن جي هن وقت اصلاح نه ڪئي ته هي دوست هي غلطي نه ڄاڻ اجا الاءِ ڪيترو دفعو ورجائيندا ۽ هي

غلطي سندن نسل در نسل فردن ۾ منتقل ٿيندي رهندي، سو ساڻن معذرت ڪري اهو چيم ته” قبلا محترم اوهان ڪجھ دير کان وني ڪري جنهن مسئلي تي ڳالهائي رهيا آهيو مون کي ان سان ڪو غرض ڪونه آهي ليڪن توهان پاران گفتگو ۾ هڪڙو لفظ “ورائي ورائي ڪري غلط استعمال ڪيو ٿو وڃي جيڪو عمل مون کي ڏکائي ٿو.

منهنجا اِهي لفظ ٻڌي ٿورا پريشان ٿيڻ لڳا، مون ڳالھ کي جاري ڪندي ڪين چيو” سائين اسين سنڌ اندر رهندڙ سيئي فرد مجموعي طور سنڌي آهيون، اسين سڀ هڪ قوم آهيون، توهان پنهنجي ڳالهين ۾ پنهنجي برادري/ذات کي قوم چئي رهيا آهيو، قبلا توهان ٻئي مون کي ته هڪ ئي قوم جا فرد ڏسڻ ۾ ٿا اچو ۽ يقينن اوهان ٻئي سنڌي آهيو، جنهن جي حساب سان اوهان ٻنهي جي قوميت هڪ ئي ٿي، مطلب سنڌي، پوءِ به اوهان الاءِ ڇو هڪ ٻي کي الڳ الڳ قوم ڪري پيش پيا ڪريو“، منهنجي ڳالھ انهن ٻنهي فردن مان هڪ کي مڪمل طور تي سمجھ ۾ آئي جنهن منهنجي ڳالھ سان اتفاق ڪندي چيو ته” هائو سائين اسين واقعي پنهنجي گفتگو ۾ اِها غلطي ڪري رهيا “هئاسين ليڪن هاڻ ڳالھ سمجھ ۾ اچي وئي، انشاءَ الله آئينده ائين نه ٿيندو.

منهنجي سمجهاڻي ڏيڻ جو فائدو اِهو پيو ته انهن دوستن مون طرفان پيتل چانھ جو بل پاڻ ادا ڪيو ۽ ڪلندي ڪيڪاريندي مون کان موڪلائيندي پنهنجي وٿاڻن طرف روانا ٿيا، آءُ سندن حال تي سوچيندي ڪي ئي ساعتون هوٽل تي وينو رهيس.

## وزير تعليم ڏانهن کليل خط

جناب سيد سردار علي شاهه صاحب
اسلام عليڪيم - جئي سنڌ

جناب اعلي اميد اٿم ته اوهان خيرت سان هوندا، اڄ اوهان سان مخاطب ٿيڻ جو منهنجو مقصد وقت جي حساب سان انتهائي سنجيده ۽ اهم آهي

جناب اعليٰ

جئين ته ڪجھ مهينا پهريان جناب وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه صاحب ڪجھ ڊاڪٽر ڀرتي ڪيا هئا، جنهن ۾ ڊاڪٽرن جي اڪثريت ٽيسٽ ۾ فيل ٿي هئي، ليڪن اِها سندن خوش قسمتي هئي يا وزير اعليٰ سنڌ جو معجزو هو جو سائين جن اِهو حڪم نامو جاري ڪيو ته ٿر ۾ ڊاڪٽرن جي شديد کوٽ آهي جنهن سبب ٽيسٽ ۾ فيل ٿيل ڊاڪٽرن کي به نوڪريون ڏنيون وڃن.

سائين منهنجا ائين توهان بذات خود ميرٽ جا جنازا ته نه ڪڍو، فيل ٿيلن کي به ڪڏهن تاريخ ۾ ڪنهن ملڪ يا حڪومت نوڪريون ڏنيون آهن جو اوهان جي حڪومت ڏي پئي؟

ان کان علاوه وري ساڳي ئي وزير اعليٰ صاحب جي حڪم نامي تحت هاڻ وري ويجهڙائي ۾ نون ڊاڪٽرن کي ڀرتي ڪرڻ جي تياري ڪئي پئي وڃي، جنهن منجھ اِهو پراڻو خدشو پڻ موجود آهي ته وري به ساڳيو طريقو اختيار ڪري فيل ۽ پاس ٿيندڙن کي هڪ ئي صف ۾ بيهاري ڪري آڊر ڏنا ويندا، اگر اِهو ساڳيو ئي طريقو ۽ تماشو رهيو ته پوءِ يقين مڃون ته سنڌ مان لفظ تعليم باقي وڃي ڊڪشنرين ۾ بچندو

توهان سان هن واقعي جو ذڪر ڪرڻ ان لاءِ مناسب سمجهيم جو توهان ڪي اصل وارتا هاڻ ٻڌائي رهيو آهيان.

ڪجهه ئي ڏينهن ۾ سکر آءِ بي اي پوري سنڌ جي پڙهيل لکيل طبقي ۽ خاص طور تي بي ايڊ پاس فردن کان جي اي ايس ٽي جي نوڪري واسطي ٽيسٽون وٺڻ واري آهي، اصل ڳالهه اِها ته هڪ طرف توهان جو سخي وزير اعليٰ مراد علي شاهه صاحب فيل ٿيندڙ کي به نوڪريون ڏي پيو ته وري ٻي طرف توهان جي ئي وزارت جي قلمدان ۾ اسان سان ناجائزي ٿئي پئي.

ناجائزي ڪئين ؟؟؟

اڃو ته ان جي وضاحت ٿو ڪريان

نا جائزي ائين ته سائين هن مهل جي ايس ٽي جي نوڪري خاطر سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪافي سارن اهڙن اميدوارن اپلائي ڪيو آهي جن يونيورسٽين مان بي ايڊ آنرس ڊگري ڪئي آهي، اُن جي باوجود توهان جي حڪومت طرفان انهن شاگردن لاءِ اهڙو ڪو خاص رليف نه رکيو ويو آهي جنهن مان اِهو تاثر ملي ته آيا بي ايڊ آنرس جي ڊگري رکندڙ فردن کي خاص اوليت ڏني وئي آهي، هن مهل هڪ طرف هڪ سال جي بي ايڊ ڊگري رکندڙ فرد آهن ته وري ٻي طرف بي ايڊ آنرس ڊگري رکندڙ فرد، ان لاءِ هجڻ ائين کپي ها ته اوهان جنهن مهل سکر آءِ بي اي کي نوڪرين خاطر ٽيسٽ وٺڻ جو ٺيڪو ڏنو اُن مهل توهان سکر آءِ بي وارن کي ان ڳالهه جو پابند بڻايو ها ته اُهي بي ايڊ آنرس ڊگري رکندڙ فردن ڪنهن خاص يا مخصوص حصي ۾ اوليت ڏين ها جنهن مان اهو تاثر پيدا ٿي ها ته انهن کي اوليت ملي آهي جنهن سان وري بي ايڊ آنرس ڊگري جي اهميت به وڌي ها.

هڪ طرف اُهي شاگرد آهن جن پنهنجي زندگي جا چار اهم سال اِن ڊگري جي حاصلات لاءِ ڏنا ۽ وري ٻي طرف اُهي فرد آهن جن ڪجھ ڏوڪڙن جي عيوض بي ايڊ جي ڊگري حاصل ڪئي آهي، هاڻ الميو اِهو آهي ته هَن مهل اَنهن ٻنهي ڊگري هولڊر فردن ۾ ذرو برابر به فرق نه آهي.

ٻئي فرد ٽيسٽ ۾ ويهي سگهن ٿا ۽ ٽيسٽ ڏئي سگهن ٿا

ڇا نرسنگ ۽ ايم بي بي ايس جي ڊگري هڪ جيتري اهميت جو حامل آهي؟؟؟

ڇا ڊسپينسري ۽ نرسنگ پلا هڪ جيتري اهميت جو حامل آهي؟؟؟

ڇا هيلٿ ٽيڪنيشن ۽ نرسنگ پلا هڪ جيتري اهميت جو حامل آهي؟؟؟

ڇا ڪڏهن ائين ٿيو آهي ته هڪ ڊپلوما هولڊر فرد ۽ ڊگري هولڊر فرد هڪ ئي پوسٽ لاءِ هڪ جيترا اهل هجن؟؟؟

لازمن نه، ڇو ته انهن ڊگرين ۽ ڊپلومائن ۾ وقت، ڪورس ۽ سبجيڪٽن جو وڏو فرق هوندو آهي، ڪٿي ڊپلوما ۽ ڪٿي ڊگري.

ڇو ته ريگويلر ڊگري ۽ جڳاڙي ڊپلوما ۾ وڏو فرق هوندو آهي، پر پوءِ به الاءِ ڇو توهان جهڙي باشعور فرد کي اهو فرق نظر نه آيو جو اوهان هڪ ڪاليج جي ڊپلوما مثل ڊگري ۽ يونيورسٽي جي مڪمل آنرس ڊگري کي هڪ ئي صف ۾ بيهاري ڇڏيو آهي.

جناب اعليٰ

توهان طرفان اهليت کي ماپڻ ۽ جاچڻ جي اِن معيار سنڌ اندر بي ايڊ آنرس ڊگري رکندڙ ڪافي فردن ۾ عجيب قسم جو مونجهارو ۽ دل شڪستا رويو پيدا ڪيو آهي ۽ ان لحاظ سان بي ايڊ آنرس ڊگري جي ساک کي به ڇهيو رسيو آهي، هاڻ به وقت ويو ناهي بي ايڊ آنرس ڊگري رکندڙ فردن لاءِ ڪا آساني يا بهتري فراهم ڪري توهان انهن جي اندر ۾ پليل مونجهاري ۽ مايوسي کي ختم ڪري سگهو ٿا، اگر ائين ڪريو ته اجا

بهترء جي نه ٿا ڪري سگهو ته پوءَ يقينن اوهان ڪي به ٻين سياستدانن وانگر عام رواجي سياستدان تسليم ڪندي سنڌ جو نوجوان اوهان طرفان مايوس ٿي ويهي رهندو ۽ سنڌ جي عظمت تي لکيل اوهان جي نظمن ۽ شعرن کي ڏيکاءُ سمجهي پنهنجي پاڻ سان سمجهوتو ڪري ونندو.

سنڌ سلامت - سات سلامت


www.sindhsalamat.com

## عورتن جون درد ڪهاڻيون

قسط پهريون

پورو ڏيهه ڏکن، درد ۽ پيڙاهن جي قصن سان پريو پيو آهي ليڪن اُن جي باوجود قدرت واري طرفان پيدا ڪيل دنيا جي حسين ترين تخليق، جنهن کي عورت چئجي ٿو، سا تخليق هن مهل انيڪ تڪيلفن کي منهن ڏئي رهي آهي، هي مرداڻو سماج عورت کي اجا تائين اُهو مقام عطا ڪري نه سگهيو آهي جيڪو مقام عورت حق لهي ٿي، اسان جي معاشري منجهه جهڙوڪ هر فرد ڪهاڻي آهي ليڪن اُن جي باوجود عورتن جي نصيب ۾ درد وري ڪجهه سوايو آهي، هتي هن تحرير وسيلي آءُ انهن عورتن جي درد ڪهاڻين کي اوهان آڏو پيش ڪندس جن جي دردن کان دنيا کن لاتار ڪري کين احساس ڪمتري ۾ مبتلا ڪيو.

---

ڪراچي جي هڪ نجي ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ هڪ عورت سان منهنجي فيس بڪ وسيلي عليڪ سليڪ مطلب دعا سلام ٿي، ڪجهه ڏينهن هڪ ٻي سان خير و عافيت پڇڻ کان پوءَ اُن عورت هڪ ڏينهن مون کي پنهنجي درد ڪهاڻي ٻڌائي، ۽ اِهو پڻ چيو ته آءُ اوهان جو لکيل تحريرون فيس بڪ تي پڙهندي آهيان، اوهان منهنجي درد جو احساس بخوبي ڪري سگهو ٿا.

اُن عورت ٻڌايو ته اسين يٽائي آباد جا رهواسي آهيون ۽ آءُ هن مهل هڪ نجي ڪمپني ۾ ڪم ڪندي آهيان جنهن وسيلي پنهنجي گهر ياتين جو گذر و سفر ٽيندو آهي، منهنجو مڙس ڪجهه سالن کان وني ڪري فالج جي بيماري ۾ مبتلا آهي جنهن سبب گهمڻ ڦرڻ کان لاچار آهي، اسان کي ٻن ڌيئرن جو اولاد آهي، جن جو خرچو وغيره به سڀ منهنجي پگهار جي آڌار تي آهي، آءُ هن ڪمپني ۾ ڪم ڪرڻ هر گهز قطعي به ڪنهن به قيمت تي ڪم ڪرڻ نه ٿي چاهيان پر ڇا ڪريان، هڪ مڙس جي مفلسي ماريو آهي ته ٻيو وري ٻچن جي پيٽ پالنا اچي ٻُچي مان ورتو آهي؟

مون ڪانس سندس ڪمپني ۾ ڪم نه ڪرڻ جو سبب پڇيو؟

اڪين مان لڙڪ لاڙيندي وراڻي: ” اِهو قصو انتهائي تويل آهي، نه پڇو ته بهتر“، مون ڪيس ٻڌائڻ تي زور ڀريو ۽ اهو به چيو ته ٻڌايو ٿي سگهي ٿو متان آءُ ڪٿي اوهان جي مدد ڪرڻ جو اهل ٿي پوان، منهنجي گهڻي اسرار ڪان پوءِ وراڻي: ” ڪجھ سال پهريان منهنجي مڙس کي فالج جو اٽيڪ ٿي پيو، ان اٽيڪ کان پهريان منهنجو مڙس ڪراچي جي هارون آباد واري علائقي ۾ هڪ دوائن جي ڪمپني ۾ ڪم ڪندو هو، جڏهن ڪيس فالج ٿيو اُن مهل اسان وٽ جيڪي ڪجھ بچت ڪيل ڏوڪڙ پيل هئا سي به سندس علاج تي خرچ ڪري ڇڏياسين، ليڪن اِن جي باوجود به سندس طبعيت ۾ ڪو خاص فرق يا بهتري نه آئي، آخر ڪار گهر جي خرچي پاڻي لاءِ پئيسا درڪار هئا جيڪي اسان وٽ مورڳو بچيا ئي ڪونه هئا، مون پنهنجي مڙس جي جاءِ تي اُنهي ساڳي نجي ڪمپني ۾ ملازمت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته جئين گهر ۾ ڪجھ پئيسا اچن ۽ گهر جو چرخو هلي سگهي، مون جنهن ڏينهن اُن ڪمپني ۾ ملازمت اختيار ڪئي اُن ڏينهن ڪان وٺي ڪري اڄ ڏينهن تائين سڪون جي ننڊ ناهيان سمهي سگهي، جنهن جو سبب آهي اُتان جو هڪ راشي آفيسر، جيڪو مون سميت نه ڄاڻ الاءِ ته ڪيترن ئي ڇوڪرين ۽ عورتن سان جنسي ڪيڏ ڪيڏي چڪو آهي، سندن مجبورن جون ڪاٺو لڳائي ڪري ڪين مختلف طريقن سان بليڪ ميل ڪري سندس عزت نفس کي مجروع ڪندو رهي ٿو.

## عورتن جون درد ڪهاڻيون

قسط ٻيو

حيدرآباد جي هڪ نجي اسڪول ۾ مون نوڪري لاءَ اپلاءَ ڪيو، انٽريو ڪال آئي آءُ تيار ٿي ڪري ٻي صبح جو اُن شاندار اسڪول جي صحن ۾ پهتس، انٽريو ٿيو، جيڪو يقينن منهنجي حساب سان بهترين ٿيو، انٽريو ڪان پوءَ آءُ اُن اسڪول جي ٻاهران نهيل لان ۾ پنهنجي خيالن ۾ گم سم ڪجھ گهڙيون ويهي رهيس ته اچانڪ اُتي هڪڙي ڇوڪري ٻي ڏڙڪ منهنجي پرسان اچي ڪري ويهي رهي، ڪجھ گهڙين جي خاموشي ڪان پوءَ مون سان گفتگو جو آغاز ڪندي مون ڪان منهنجو نالو ۽ منهنجي شهر جو نالو پڇيائين، مون ڪيس ٻڌايو ۽ پوءَ وري پنهنجو نالو ۽ پنهنجي تعليمي قابليت وغيره به ٻڌايائين، مون کي حيرت اُن مهل ٿي جنهن مهل مون کي چيائين ته منهنجا ابو ۽ امان هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويا آهن، گهر ۾ ٻه ڀائر آهن سي به معذور ۽ لاچار، آءُ انهي مفلسي کي منهن ڏيڻ لاءَ هن اسڪول ۾ آئي آهيان ته جئين هتي نوڪري ملي سگهي ۽ اسان جو گذر سفر بهتر ٿي سگهي.

ڪجھ ساعتون چپ رهي ڪري وري پنهنجي ڳالھ کي جاري رکندي وراڻي:" جيتوڻيڪ اسين هن مهل انتهائي تڪليف کي منهن ڏئي رهيا آهيون، ليڪن اِن جي باوجود آءُ هاڻ هن اسڪول جي طرفان ملندڙ نوڪري کي ڪنهن به قيمت تي قبول ڪونه ڪنديس"، سندس ڳالهيون ٻڌي ڪري مون کي ڪنهن قدر حيرانگي ٿي ته آيا ڪا چري آهي صفا جو آئي به نوڪري ڪاڻ آهي ۽ هاڻ وري جڏهن ڪيس شايد نوڪري ملڻ تي آهي ته وري چئي ٿي ته آءُ نوڪري ڪانه ڪنديس، مون ڪانس اِهو پڇيو ته آخرڪار اوهان نوڪري جي آفر کي ڇو ٺا ٺُڪرايو، ڪهڙو سبب آهي جو اوهان پنهنجي ئي عمل جي نفي ڪري رهيا آهيو ۽ پنهنجي روزگار تي پاڻ ئي لت ڇو ٺا ڏيو؟

نماڻن نيڻن سان مونڏي نهاري ڪري چوڻ لڳي:” عورت کي دنيا جي هر بازار ۽ ميلي ۾ ويڪائو مال سمجهيو ٿو وڃي، هتي آءُ جنهن خوابن کي ساڻ ڪٽي ڪري آئي هيس هاڻ اُهي چڪنا چور ٿي چڪا آهن، هتي منهنجو انٽرو وٺندڙ صاحب مون کي اهو چيو ته تون کي هڪ شرط تي هتي نوڪري پڪي ٿي ملندي جيڪڏهن تون مون سان دوستي رکي ۽ جئين اسان تو کي چونداسين تئين تو کي ڪرڻو پوندو ۽ اگر جي جيڪڏهن تنهنجو جواب نه آهي ته پوءِ مهل سان وڃي ڪري ٻيو ڪو در کڙڪائي هتي اسان وٽ تنهنجي لاءِ جڳهه ناهي.

هاڻ توهان ئي ٻڌايو آءُ ڇا ڪريان؟
پنهنجي بي وسي جي دانهن ڪنهن کي ڏيان؟

پنهنجي گهر جي ڀاتين جي مفلسي جي ڳالهه ڪنهن فرشتي صفت انسان سان اوريان جيڪو منهنجو مدد بنا ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي ڪري يا پنهنجي عزت جو سودو هنن رهزن صفت انسانن سان ڪيا؟
اِها ڪٿا ٻڌائيندي سندس اکين مان بي دڙڪ لڙڪ جاري ٿيڻ لڳا، اکين مان وهندڙ لڙڪن سان منهنجي سامهون اُٿي ڪري هلي وئي ۽ آءُ خاموش تماشائي بڻجي ڪري سندس بي وسي تي سوچيندو رهيس.

## عورتن جون درد ڪھاڻيون

**قسط ٽيون**

نازيه لاھور جي ھڪ ڪاليج مان ايم بي اي ڪئي ھئي، ايم بي اي ڪرڻ کان پوءِ ستت ئي کيس ھڪ بئينڪ ۾ ملازمت ملي، سندس ملازمت ملڻ تي سندس والدين انتھائي خوش ھئا ڇو ته کين نازيه کان علاوه ٻي ڪا به اولاد وغيره ڪونا ھئي، ھنن جو اباڻو ڳوٺ ملتان جي آس پاس ھو ۽ ھي بنيادي طور سرائيڪي ھئا، جڏھن لاھور لڏي آيا ھئا ته انھي مھل نازيه جي والدين کي اڪيلي سر نياڻي سميت ھجرت ڪرڻ جي عيوض ڳوٺ وارن طرفان انتھائي ڳالھيون ٻڌڻيون پيون ھيون، ليڪن نازيه جي والد بنا ڪنھن جي پرواھ ڪرڻ جي ڌي کي پڙھائي ڪري اِن قابل بڻايو ته جئين اُھا سندن زندگي جو پرجھلو ٿي سگھي.

نازيه جي بئينڪ ۾ ملازمت دوران سندس دوستي احسن نالي ڇوڪري سان ٿي، احسن پاڻ اصل لاھور جو رھاڪو ھو، احسن به ساڳي بئينڪ ۾ نازيه سان گڏ ملازمت ڪندو ھو، سندس دوستي وقت سان گڏ ھنن جي ھڪ ٻي سان ويجھڙائپ به وڌائي ڇڏي، آخرڪار ھڪ ڏينھن احسن نازيه سان گڏ ھڪ رات گذارڻ جو فيصلو ڪيو، جنھن تي ھن نازيه کي به رنگين ڳالھيون ٻڌائي ڪري راضي ڪري ورتو، نيٺ اُھا اياڳي گھڙي به اچي پھتي جنھن ڏينھن نازيه احسن جي گھر جي دروازي تي آئي، احسن وڏي ٻي ٻاڪي سان سندس آڌر ڀاءُ ڪيو، کيس ڪمري ۾ ويھاري ڪري سندس خدمت ۾ سنا سنا طعام آڻي ڪري رکيائين، جن کي ڏسي ڪري نازيه کي اھو احساس جاڳيو ته واقعي احسن ساڻس گھڻو پيار ڪري ٿو ۽ سندس خيال رکي ٿو.

احسن ماني وغيره کائڻ کان پوءِ شراب جي هڪ بوتل ڪڍي آيو، جنهن مان ٻه گلاس ڀري هڪ پنهنجي اڳيان رکيائين ۽ ٻي نازيه کي ڏنائين، نازيه شراب پيئڻ کان نهڪر ڪئي مگر احسن کيس پنهنجي پيار جا واسطا ڏئي ڪري کيس پيئڻ تي مجبور ڪيائين، نازيه جنهن وقت شراب جو گلاس خالي ڪيو ته تنهن مهل کيس ائين محسوس ٿيو ڄڻڪ سندس مٿو سڄي ڪري تمام گهڻو وزي تي چڪو آهي کيس چڪر اچڻ لڳا ۽ هُو نيم بيهوشي واري حالت ۾ اُن ڪمري ۾ بيڊ تي سمهي ڪري، هيڏانهن احسن هو جنهن کي ڄڻڪ شراب ته ڪو اثر ئي ڪونه ڪيو هو، ڇو ته اِهي ڪم سندس معمول جا هوندا هئا.

گهڙي ڪن سواءِ ۾ ڪمري ۾ بگهڙن جي هڪ لوڏ اچي لٿي، جن حوا جي ڌي جي لڄ کي لٽيندي سندس ماس کي پي پٽيو، ۽ سندس عظمت ۽ عزت جا جنازا پي ڪڍيا، احسن کيس پيار جي سهانا سپنا ڏيکاري سندس عزت جو سودو ٻن ٽڪن جي عيوض بي ضمير ماڻهن سان ڪيو، احسن پنهنجي انارڪي (لاهوري) صفت طبعيت جو مظاهرو ڪندي هڪ معصوم جي خوابن جو جنازو ڪڍيو، نازيه تي بگهڙ جي لوڏن ايڏي ته وڏي وڄ ڪيرائي جو کيس ٻي ڏينهن صبح جو هوش آيو ۽ جڏهن کيس هوش آيو ته تنهن مهل اُها پنهنجي پاڻ کان، پيار جي الفاظن کان، هن معاشري کان نفرت ڪرڻ لڳي، سندس ذهن ۾ اِهو گمان محفوظ ٿي ويهي رهيو ته" مرد ذات عورت جي وجود کان صرف پنهنجي نفسي خواهش جو تڪميل چاهيندو آهي کيس عشق، وفا ۽ محبت جي اجا خبر ئي ناهي"، تنهن ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين نازيه وري پنهنجي زبان مان هڪ لفظ به ناهي ڳالهائي سگهي ڇو ته هُو هن مهل پنهنجي ابي ۽ امان جي قبرن جي وچم مدفون ٿيل آهي.